
چپر چمر چانورو
شاعري
Gul Hayat Institute
ابراهيم منشي
موسيٰ

# چپر، چمر، چانورو

## (شاعري)

شاعر

ابراهيم منشي

سهڙيندڙ

غلام محمد آزاد سومرو

موسىٰ پبليڪشن، ڄامشورو، سنڌ
2014ع

Gul Hayat Institute

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# ارپنا

**شهيد عوام محمد فاضل راهُوءَ جي نانءُ**

**جو منشي ۽ فاضل وچ ۾ الستي ۽ اويڙو عشق رهيو آهي**

**آزاد سومرو**

Gul Hayat Institute

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”چپر، چمر، چانورو“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب سنڌ جي قومپرست شاعر **ابراهيم منشي** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. هن شاعريءَ جو سهيڙيندڙ غلام محمد آزاد سومرو آهي.

ابراهيم منشي سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي قوم سان هيڏي ساري محبت ۽ اٿاهه عشق، هيڏي ساري قربانين، سالن جا سال جيل ۾ رهڻ ۽ ڪيتري ساري قومي شاعري ڪرڻ جي باوجود ڪڏهن به اها دعوىٰ نه ڪئي ته آئون وڏو شاعر آهيان پر اهڙو اظهار ڪڏهن اشاري ۾ نه ڪيو اٿس. هن جو مقصد هو ته ٿوري به شاعري ڪجي پر سٺي ۽ سچي شاعري ڪجي جنهن ۾ مصلحت پسندي جو ڪو جُز به نه هجي.

هي ڪتاب 2014ع ۾ موسيٰ پبليڪيشن، ڄامشورو پاران ڇپايو ويو آهي. سنڌ سلامت ڪتاب گهر سٽ پاران ڪتاب ڪي نئين سر ڪمپوز ڪري آنلائين اپلوڊ ڪري رهيا آهيون. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# پبلشر پاران

رب پاڪ جي ڪروڙين ڪرم جنهن مون جهڙي هڪ غريب ۽ ناتوان بندي جي هٿان ڇپائي جهڙو مشڪل ۽ ڪٺن ڪم ڪرائي رهيو آهي. اسان پنهنجي محدود ذريعن اندر ابراهيم منشي جي انقلابي شاعري جو مجموعو ”چپر، چمر، چانورو“ نالي ارڙهون نمبر ڪتاب ”موسي پبليڪشن“ ڄامشورو طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.
اسان جي سدا بهار ۽ سهاجهڙي سنڌ جي هن جديد دؤر ۾ ڀيا به ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن، جن جي شاعري اعلي درجي جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر اهڙن شاعرن ۾ ابراهيم منشي جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌن شاعري ۾ مزاحمتي ۽ انقلابي پهلو نمايان نظر اچن ٿا، ائين ڪٿي چئجي ته هي هڪ البيلو شاعر ٿي گذريو آهي، هھڙي پلوڙ ۽ انقلابي شاعر جي شاعري ڇپائڻ ۾ اسان جو ادارو بي حد خوشي محسوس ڪري رهيو آهي.
آخر ۾ مان انهن مهربان دوستن جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري سمجهان ٿو جن صاحبن هر موڙ تي منهنجي ڪُلي دل سان اخلاقي مدد ۽ رهنمائي ڪندا رهيا آهن. انهن دوستن جو مان هميشه گڻ ڳائيندو رهندس. اُهي دوست هي آهن: محترم شفيق جسڪاڻي صاحب، محترم الهنواز نوحاڻي صاحب، مرحوم لهٹو خان سارنگ جمالي صاحب ۽ محمد گاڏهي، اميد ٿو ڪريان ته اهي مهربان دوست آئينده به پنهنجي رهنمائي ۽ تعاون جو سلسلو دائم ۽ قائم رکيون ايندا

توهان جو پنهنجو دوست

**حبدار علي گاڏهي، ڄامشورو**
تاريخ 01.07.2014

Gul Hayat Institute

# ڪمپوزر پاران

”انسان غلطين جو گهر آهي، ويسر سندس فطرت ۾ شامل آهي. اُن ڪري انسان جي لکت غلطين کان پاڪ ۽ صاف نہ ٿيندي. وس آهر ڪوشش ڪبي آهي تہ بهتر کان بهتر ڪيو وڃي. ڪٿ ڪا بہ غلطي هجي تہ نشاندهي ڪجو.

**شاهنواز ٽالپر**
ڪمپوزر
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
sntalpur@gmail.com

Gul Hayat Institute

## سٽاءُ


منشي سنڌ جو البيلو عاشق (مُرتب پاران)
مهاڳ (عبدالرشيد سومرو)
باب پهريون (بيت)
(چوسٽا)
(وايون)
(نظم)
باب ٻيون فاضل جو فراق
باب ٽيون اوائلي عشقيہ شاعري
باب چوٿون اوائلي ۽ آخري حمديہ نعتيہ شاعري
باب پنجون اوائلي مُتفرقيہ شاعري


Gul Hayat Institute

# مرتب پاران

## منشي سنڌ جو البيلو عاشق

سنڌ سچي هيرن جي کاڻ آهي. سنڌ سونهري سمنڊ آهي، جنهن ۾ سوين ساگر جا سائو بي بها اَملهه ماڻڪ ميڙڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن ۽ اهڙن پاڻ پتوڙيندڙ پارکو ۽ پارس ماڻهن کي ميڙي سهيڙي سونهري سڳي ۾ سموئڻ لاءِ پيار سان پوئي هڪ بي ملهائتي مالها ٺاهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. پر پوءِ به هن ڪٺن ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪي ڪاهوڙي انسان جيءَ جاڳرتا جي جوت سان هن جڳ کي جڳمڳائڻ لاءِ پنهنجي وس آهر جتن ڪري جاکوڙيو ضرور آهي. اهي لکين جس لهڻن.

توهان سنڌ جي ڪنهن به خطي واهڻ يا وستيءَ ۾ ويندا ۽ پڇندا ته هتي ڪو شاعر يا ڪو سُگهڙ ماڻهو آهي ته يقينن ملي توهان کي ڪونه ڪو اتي سُگهڙ يا سالڪ ماڻهو ضرور ملي ويندو. واضع ٿيو ته هن سنڌ ڌرتيءَ سوين نه بلڪه هزارين شاعر اديب سمجهو ۽ سالڪ ماڻهو پيدا ڪيا آهن.

پوءِ ادب جي افق تي هر ستاري جي پنهنجي پنهنجي چمڪ ۽ ڏمڪ آهي. جيئن هر گل جي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ هوندي آهي هر ڏيئي جي روشني پنهنجي پنهنجي نموني ۾ نماءُ ڏيندي آهي.

اهڙي طرح هر شاعر جي شاعري ۾ شعور جو شعاع جيترو ۽ جهڙو هوندو اوترو ئي سندس شاعري جو پڙاڏو پري تائين واسو ڪندو ۽ اوتري ئي ماڻهن جي من موهڻ جي منجهنس جادوگري سمايل هوندي.

شاعري جو سلسلو صدين کان اچي پيو قاضي قاضن، لطف الله شاه قادري رحه، شاه عبدالڪريم رحه بلڙي وارو وغيره پر شاه عبدالطيف رحه تاريخ جو سونهري باب ته چا پر خود تاريخ بنجي ويو.

اهڙي طرح هر شاعر جو پنهنجو پنهنجو گس آهي، ڪي شاعر فقط عشقيه شاعري تائين پاڻ کي محدود رکيائون سي تاريخ جي دز ۾ دفن ٿي ويا. ڪي شاعر صرف حمديه ۽ نعتيه شاعري ڪندا رهيا. ڪي شاعر گڏيل شاعري ڪيائون . ڪي صوفياڻي رنگ ۾ عارفاڻي شاعري ڪري ڪُل انسانذات کي انسانيت جو درس ڏنائون ۽ ڪي شاعر پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندڙ جهانگيئڙن، وانگيئڙن، سانگيئڙن کي سڌڻ، اُٿڻ، جاڳائڻ لاءِ جتن ڪندا رهيا. جنهن جي شاعري ۾ ابديت آهي ۽ حقيقت به. ۽ اهڙي شاعري ڪرڻ جي ڪري انهن کي سامهون ايندڙ حالاتن

سان مهاڏو اٽڪائڻ ڪنهن جهاد کان گهٽ نہ هوندو آهي. اهڙا شاعر امر ٿين ٿا. پر وري اهڙن انوکن امتحانن مان گذرندي اُڪري پار پوڻ لاءِ پچاڙي تائين ثابت قدم رهڻ تمام ڪَٺن ڪم آهي. اهڙا شاعر امر ٿين ٿا ۽ اهڙا امر انسان صدين ۾ مس سِرجندا آهن، منشي محمد ابراهيم جو نالو اهڙن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو، جيڪو هڪ طرف غربت جي چَڪي ۾ پيسجندي پنهنجي حق ۽ سچ جي آواز کي بلند ڪرڻ لاءِ هر اڳيان ايندڙ آمريت جي عذابن جو نہ رڳو منهن ٽوڙ مقابلو ڪيو پر ٻئي پاسي جتي عام وڪري جي واڪ واري وهڪري ۾ جتي وڏا وڏا وِير بہ وڪجي ويا. اتي هن پاڻ کي ثابت قدم رکڻ ۽ هر آچ کي ٺڪرائي زندگي جا انمول ڏينهن سالن جا سال قيد ڪڙولا قبول ڪندو رهيو.

هيڏي وِڪري جو نہ وڪاڻو، تنهن کي مليو جيل ۽ ٽاڻو،
جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو، هر ڪو پنهنجي اگهہ وڪاڻو.

جڏهن تہ ڏات جي ڏيهہ ۾ ڪيترا ڏوريندڙ ۽ ووڙيندڙ انمول انسان نظر ۾ اچن ٿا سيئي پنهنجي سوچ ۽ ساڃهہ آهر پنهنجي جوت جا جوهر جرڪائيندا رهيا آهن، پر مشڪل سان اهڙو ماڻهو ملندو جنهن کي هڪڙي ئي وقت ڪيترائي اعزاز حاصل هجن. سو ابراهيم منشي هڪ اهڙو موتيءَ داڻو ماڻهو آهي، جنهن کي الله پاڪ جي ڏنل ڏات ۾ ڪوڙ ساريون خوبيون مليل هيون. جهڙوڪ صورت ۾ سهڻو ۽ سندر، من جو مُهڻو ۽ مندر، سيرت جو سادو سٻاجهڙو ۽ ساڃهہ وند، اعلي ۽ آدرشي اخلاق رکندڙ ڪلمڪ ڪچهري جو ڪوڏيو، هڪ جيڏن سان هڪ جهڙو، ٻيڙن ۽ ٻارن سان ٻاجهارن ٻولن سان پيش ايندڙ دل وڻن جي انداز ۾ سون ساريڪا روپ رکندڙ جنهن سان چند گهڙيون گڏ گهاريائين سو وري ساري حياتي ملڻ لاءِ ماندو ۽ اندر جو آتو. يارن جو يار، دشمنن لئہ تلوار، مُور نہ من جو ميرو، بيباڪ بهادر، ٻارن ٽانڊن جهڙي شاعري ڪندڙ من موهيندڙ مڌر آواز، انهن سڀني خوبين سان گڏ الله پاڪ هن ۾ هي بہ هڪ خاص خوبي رکي هئي جو سچ سڀ ڪنهن کي چوڻ هن جي ڏات ۽ ڏاهپ جو نانءُ هئي.

يلي ڪيسن ۾ اٽڪايو، يلي ڦاسين تي ڦٽڪايو،
يلي لوهن ۾ لٽڪايو، يلي ٽانڊن تي ٽهڪايو،
يلي سُورين تي سَهڪايو، يلي ميدان ۾ مارايو،
اسان سوريءَ تي سنڌو ديس جا نارا پيا هڻنداسون.

اسان هر دوُر جي حاڪم کي حق جي ڳالهہ چونداسون
اسان وانگين جي هر ويري وڏيري ساڻ وڙهنداسون

Gul Hayat Institute

مير هجي يا پير هجي يا ڪو وڏو وزير وِير هجي پر سچ سب ڪنهن کي سٽائي ڇڏيندو، محنت ۽ همت ته هن کي ڏات ۾ مليل هئي . جڏهن همت جي ڳالهه نڪتي آهي ته هن جي ماضي ڏانهن هلون ٿا، جڏهن يارنهن سال عمر ۾ يتيم پار بنجي ويو، سڄي گهر جو بار هن جي سِر تي اچي ويو تڏهن به هن همت نه هاري، ٻنون مياڻ کان پلا ڪٽڻ لاءِ هن کي آڌي رات جو اڪيلي سر اُتي وڃڻو پوندو هو. اتان پلا ڪٽي اچي گهر ڇڏي وري ڳوٺن ۾ واپار لاءِ نڪري وڃڻ، وري ٻي رات اسر ويل اٿي ڪپور تان ڳڙ ڪٽي وري به ڳوٺن ۾ ڪپائڻ، وري ٻنيءَ ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ، رات جو ڳُنڊڻ نه هئڻ ڪري اڌ ڏؤ ڪري سمهي پوڻ، بک ۾ ننڊ جو نه اچڻ، بک برداشت ڪري شاعري ڪرڻ ۽ ٻيا به انيڪ ڏنڊا ڪرڻ ۾ هن همت ڪڏهن به هٿان نه هاري.

انهيءَ الڙ عمر ۾ عشق جو تير هن جو سينو سَٽي پار ٿي ويو. جڏهن ته عشق جي آنچ کان ڪو به بشر بچي نٿو سگهي، پر وري شاعر ( حساس دل) جڏهن ته هر شاعر جي شروعات مجازي عشق جي رنگ سان ٿئي ٿي. اهڙي طرح هن جي شروعات به عشقيه شاعري سان ٿي. جيڪا هن ڪتاب ۾ ڏني ويئي آهي، جنهن جي هر شعر تي اها تاريخ، مهينو، سال ۽ جڳهه ڏني ويئي آهي ته جيئن پڙهندڙن کي اها سُڌ رهي ته هي اوائلي شاعري آهي جنهن کي قوم پرستي واري دؤر سان نه ييتين.

پڙهندڙن کي ٻيو عرض هي آهي ته منشي جنهن جنم ڀومي جنهاڻ سومرو ۾ جنم ورتو ۽ جنهن ماحول ۾ سرجيو نپنيو وڏو ٿيو جنهاڻ سومرو ۾ اتي اڄ به وڏا ديني مدرسا آهن. جتي دين ۽ اسلام جو ۽ مذهب جو وڏو ڳڙه آهي ۽ هن جي ذهن جي اوسر به مداح مولود سان ٿيندڙ مذهب جو ڪيئن نه اثر قبول ڪيو هوندو ان ڪري هن جي ذهن تي به مذهب جو جنون اثر انداز ٿيل هو ۽ اهڙي ئي مذهبي شاعري به هن ڪتاب ۾ شامل رکجي ٿي.

جيئن جيئن هن ۾ شعور وڌندو ويو تيئن تيئن هي پاڻ به تبديلي آڻيندو ويو لطيف جي شاعري مان به خوب خزانو پرايو پر گهٽي کان گهڻو پنهنجي ذاتي مشاهدن ۽ مطالع مان سکيو، وري ساڃهه وند سوسائٽي مان پڻ خوب سکيو. 1967 ع کان طبقاتي شاعري شروع ڪيائين. 1971 ع کان قومي شاعري ڪيائين جنهن ڪري ڪيترا ڀيرا هن کي جيل ۾ وڃڻو پيو. پر ڪڏهن به ڪنهن آمر جابر حاڪم جي اڳيان نه جهڪيو، نه وڪيو ۽ نه ڪڏهن هڪ وک به پوئتي هٽيو ۽ زندگي جي ٻين به ڪيترن انوکن امتحانن مان گذرڻو پيو، پر الله جي مهرباني سان هي هر امتحان مان ثابت قدمي سان اُڪري پاس ٿيو. صبر، سوچ، تحمل، هن جا خاص ثمر هئا.

جنهن به محفل، جلسي ۽ پروگرام ۾ هوندو هو ته سڄي پروگرام جي وايو منڊل تي هي ڇانيل هوندو هو. جتي وڏا پروگرام ، جلسا، محفل مشاعرا ٿيندا هئا اتي هر شاعر کي مس هڪ ڀيرو

موقعو ڏنو ويندو هو اتي منشي کي ڏکيا ڏکيا نظم ٻڌائڻ جي باوجود ٻه ٻه ٻه ڀيرا ٻُڌيو ويندو هو ۽ سڄي محفل تي حاوي هوندو هو. منشي جي زندگي ۽ سياسي اُٿل پٿل تي ڪافي ماڻهن جا مختلف رايا آهن ان تي منشي جي ويجهي رهڻ وارا دوست وڏيڪ ڄاڻندا هئا ته منشي ڇا هو ۽ ڪيتري قدر قومپرستي جي رنگ ۾ رنگيل هو. مون کي اهو حق ڪونهي جو آءُ ويهي ان بابت وضاحتون ڪريان ڇو ته آءُ ياڃ ٿيان. مگر ايترو ضرور چوندس ته منشي سنڌ جو سچو عاشق هو پروانو هو جيئن پروانو ڪٿي به شمع کي جلندي ڏسي ٿو ته پروانو اتي اچي پاڻ پچاڙي پُرزا پرزا ٿئي ٿو. اهڙي طرح منشي پنهنجي قوم کي غلامي جي ڏيڻ ۾ قاتل ڏسي ڦٿڪي ٿو جلي ٿو، پچي ٿو.

جلان ڏسي جلان، ڏرتيءَ مٿي
هيڏي آهي هلان، ته به ڪاهڙ سچو ڪونگهرا . . . !!
ايڏي وڏي قوم کي جڏهن ڪونگهرا هٽندي ڏسي ٿو، تڏهن چوي ٿو
جاڳيو سارو جڳ تون سُتين سِري ٻانهن ڏيئي
سگهه هوندي سنگهارن کي، جڏهن سوگهو ڏسان ٿو
ڪيڏي نه وڏي قوم کي، ايندي گهوگهو ڏسان ٿو
هوشيار، خبردار ، تڏهن توکي چوان ٿو
بارود تنهنجي بم ڪنا، ڪڏهن ڪين ڏڄان ٿو
ڪٿي قوم ڪروڙ هي، مان اڃان پيو، اڃان پيو
باغي جو ڪٿي تاج مان، دشمن ڏي وڏان پيو
اهڙي طرح ٻي جڳهه تي چوي ٿو
مون بم ڀريا ڪئين بيتن ۾، تن گوريلن جي گيتن ۾
هر گيت هي منهنجو گولي آ، ۽ گولي منهنجي ٻولي آ
مون جنگ جبر سان جوتي آ، هر ڳالهه ٻي مون وٽ ڪوتي آ
غدار وطن مان ناهيان ناهيان، باغي آهيان، باغي آهيان
پوءِ به جڏهن قوم کي اگهور ننڊ ۾ ستل ڏسي ٿو، تڏهن چوي ٿو
ڪالهه ڪينجهر ڪپ تي، ڦوليم ڪٿي ڳاڻ
رڳو ڪنگ ڪنڌيءَ تي، پاٽي لس لڙاڻ
ٻي اونداهي ٻاڻ، هنج نه ڏٺم هڪڙو . . .!!

۽ جڏهن هن قوم کي اونداهي جي عالم ۾ ڏسي ٿو ته پوءِ پرواني وانگر جيڏانهن به اميد جي ڪِرن ڏسي ٿو. اوڏانهن ڊوڙي ٿو. جيئن ڪو بيمار ڪنهن موذي مرض ۾ مبتلا هوندو آهي ۽ جنهن به حڪيم، ڊاڪٽر، ڏاهي ۽ ويڄ جو ڏس پوي ٿو اوڏانهن پنهنجي ڇوٽڪاري جي

Gul Hayat Institute

اميد ڪٽي وڃي ٿو.اهڙي طرح هي بہ پنهنجي جيجل ماءُ سنڌ ڌرتيءَ جو حلالي پٽ سنڌ جو البيلو عاشق جيڏانهن بہ سنڌي قوم جي دردن جو دارون دوا سمجهي ٿو اميدن جي آڌار تي اوڏانهن وڪون وڌائي ٿو. سائين جي ايم سيد، فاضل راهو، ممتاز ڀٽو وغيره ۾ جڏهن بہ جنهن مان چوٽڪاري جي اميد تئي ڏسڻ ۾ اچي اتان واپس ٿئي ٿو ، جهڙو ممتاز ڀٽي مان نااميد ٿي موٽيو.

هڪڙي هي ڳالهہ بہ وضاحت جوڳي آهي تہ ڪافي دوستن جو رايو آهي تہ منشي آخر ۾ متحده وارن سان هو، ان لاءِ عرض آهي تہ اڳ ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ منشي کي جيڏانهن بہ اميد جي ڪِرڻ ڏسڻ ۾ آئي آهي اوڏانهن ويو آهي. اهڙي طرح منشي جي اها سوچ هئي تہ مهاجرن جو رهڻ کهڻ سنڌ ڌرتي سان آهي تہ جيڪڏهن سنڌي ۽ مهاجر گڏجي دشمن سان وڙهون تہ آزادي وٺي سگهجي ٿي. فقط اها راءِ رڪنڌڙ هو ڪڏهن بہ مهاجرن جو ميمبر نہ ٿيو، منهنجي روبرو جي حقيقت آهي تہ منشي ديوان مشتاق ۾ داخل هو. آءُ ساڻس گڏ رهندو هوس. صبح سوير متحده جا چار همراه آيا، جنهن ۾ ڊاڪٽر اقبال ايم پي اي ، ايم اين اي وغيره هئا هنن چيو تہ اسان کي الطاف ڀائي فون تي چيو آهي تہ ابراهيم منشي کي علاج لاءِ لنڊن اماڻيو سڀ خرچ اسان ڀريون ٿا تہ منشي جنهن مهل جواب ۾ هنن کي ڀوليون ٻُڌائڻ لڳو تہ هنن جي هٿن ۾ پيئڻ لاءِ جهليل جوس بہ ڏڪڻ لڳا. چيائين تہ اوهان مهاجرن جي اسان سنڌين لاءِ ڪڏهن بہ نيت صاف نہ ٿي آهي ۽ نہ ٿيندي. مون گهڻو ڪجهہ چاهيو تہ سنڌي مهاجر هڪ ٿي دشمن سان وڙهون پر اوهان سنڌ جا نمڪ حلال اولاد نہ ٿي سگهيا آهيو ۽ نہ ئي ٿيندا. بهرحال هنن جي آچ کي هن اهڙي طرح ٽڪرايو جو هو وري اچڻ لاءِ همت ساري نہ سگهيا ۽ بروقت مون نذير ميمڻ کي گهرائي ورتو. نذير ميمڻ سراج کي گهرائي عبرت اخبار ۾ خبر هلائي ويئي تہ جيئن سچي قوم کي اهو شڪ وهم لهي وڃي تہ ڪو منشي متحده وارن سان شامل آهي.

بس منشي جي اها مشن هئي تہ ڪٿان بہ ڪنهن جي بہ هٿان آزادي ملي ۽ اهو موقف سائي جي ايم سيد جو بہ هو. باقي ذاتي واسطا سڀ ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا آهن، بهرحال منشي سائين جي ايم سيد سان متفق هو ۽ شهيد فاضل راهو سان منشي جو ۽ منشي جو فاضل سان اهڙو الستي ۽ اويڙو عشق هو. جنهن کي ڪابہ طاقت ڪٽ نہ ڪري سگهي . جنهن لاءِ منشي جي شاعري شاهد آهي. جيڪا هن ڪتاب ۾ پڻ شامل ڪئي ويئي آهي ۽ ڪتاب جي ارپنا بہ فاضل جي نانءُ آهي. مطلب تہ منشي سنڌ جو سچو سپوت پٽ ۽ سورهہ سرواڻ هو. هر وقت، هر گهڙي هر واهڻ، هر وستي، ريلي ۾هجي يا جيل ۾، بسن ۾ هجي يا گسن ۾ سنڌ واسين کي سجاڳيءَ جا سينها، انقلاب آڻڻ، آزادي ماڻڻ جا پيغام ڏيندو رهيو. مثال طور 1980ع ۾ حاجي عبدالخالق جي پٽن جي شادي هئي جنهن ۾ چيف منسٽر غوث علي شاهہ ۽ پوري

Gul Hayat Institute

سنڌ ڪابينا جا وزير، صلاحڪار، مير ، پير، نديرا، وڏيرا ۽ ٻيا ٻه هزارين ماڻهو شامل هئا منشي ڪي ڇيو ويو ته شادي جي موقعي تي ڪو شعر ٿاهي ٻڌاءِ پر انقلابي نه هجي.
هن جي رڳ رڳ ۾ سنڌ ڌرتيءَ جو عشق سمايل هجي سو پنهنجي جيجل ماءُ سان دوکو ڪرڻ، منافقي ڪرڻ هن جي مذهب ۾ نه هو. سو اتي بروقت شعر ٺاهي ٿو، جنهن جي مٿان ٽل ۾ آيلن ڪي پليڪار جو رنگ ڏي ٿو، بعد ۾ هر مصرع ۾ مڪمل طرح سچي سنڌي قوم ڪي انقلاب جو سڏ ڏي ٿو.

مبارڪ مِڙن ڪي پري پير آيا
اوهان جي اچڻ سان ٿيا لايا سجايا

هي شاديون مراديون، شل ماڻيو آزاديون
سدا سبز سايون، رهن سنڌ جون واديون
لکين پُٽَ سنڌوءَ جا، اڄ سورهيه ساماپا . . !!

مَهڪ آ ميندي ۾، گهري رت راٽي
ڏيندا سر سينگاري، ڪي اڄ ڪي سياڻي
نه رهندي پُٽن تي، ڪا پونءَ جي بقايا . . !!

اهڙي طرح 9 مارچ 1989ع ۾ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تي ڪُل سنڌي ۽ اردو مشاعرو ٿئي ٿو، سيئي شاعر حضرات گڏجن ٿا. مخدوم طالب المولىٰ جي صدارت هئي. هيترن سارن شاعرن مان فقط ابراهيم منشي کي عرض ڪجي ٿو ته مهرباني ڪري انقلابي شعر نه چئجان؟. . . !! پر هن جي اندر ۾ جيڪا ولوڙ هئي جيڪا پيڙاه هئي حب الوطني جي سا لڪائڻ هن جي وس جي ڳالهه نه هئي. هن جو ضمير اتي ٻه ملامت ٿو ڪري ته منشي مٿان جيجل ماءُ جو کير لڄائين. اتي هي ظاهري عشق جو رنگ ڏيئي شعر لکي ٿو.

مند آهي چري، رات آهي ٺري
مهڪ موتئي سندي، واهوندي ۾ وري

بعد ۾ سچي شعر ۾ سنڌ واسين کي پيغام ڏيڻ، ڌرتي جو فرض چُڪائڻ کي فرض سمجهڻ افضل عبادت کي اوليت ڏيئي ٿو



Gul Hayat Institute

ٻئي ڪچي جون ڪنڌيون، ريت ۾ چيٽ ٿيا
پرجهلا پونءَ جا، پاڳيا پيٽ ٿيا
سونهن سنڌوءَ ڪي، ڏس ته ڪيڏي سَري

ڪيٽ ڪستوري ٿيا، ڪوڙ ڪنهبا ڪِڙيا
منشي مومل پَسي، ميندار ڪئين مِڙيا
تو بنا اي پرين، هر پَري اوپري

۽ جڏهن ٿي وي تي گهرايو وڃي ٿو ته اُتي به قوميت جو پيغام ڏي ٿو ۽ جيڪڏهن جيل ۾ آهي ۽ محبوب جي ياد اچيس ٿي ته به جيڪو شعر لکي ٿو ان ۾ به ڪيترو انقلاب رکيل آهي اوهين پاڻ پرکي سگهو ٿا.

ڪتيون ڪئين قيد ۾ گذريون، چگُو چيتن ۾ ملنداسون
سرنهن پيلا جهليندي گل، تڏهن ڪيتن ۾ ملنداسون

جڏهن جهندا آزاديءَ جا، پيا جهر جهنگ جهوليندا
ڏٽي پونءِ پيٽ پيا چڙهندا، انهن پيتن ۾ ملنداسون!!

هن جي عشق جي ڪا حد نه آهي

جيسين تندون ساه جون، آهن ساه سان سهمت
رَتي روڪي نه سگهندي، تيسين ڪا طاقت
مٽيءَ جي محبت، منشي مائي نه ٿئي . . . !!

هن پنهنجي قوم کي پيغام پهچائڻ لاءِ پارس ڪمپني جي ميوزڪ سينٽر ۾ ڳائڻو بنجي سازن تي به ڪيسٽ ڪيرائي.

ڳاءِ ڳاءِ ڳائڻا ٿورا ٿيج جا لاهڻا

۽ ان ڪيسٽ ۾ جنگ جنگ آ جهڙا انقلابي گيت به پنهنجي انداز ۾ پريا آهن ڏسو ته هن پنهنجي قوم لاءِ ڇا ڇا نه جَتن ڪيا آهن ۽ ڪڏهن به پنهنجي قوم مان مايوس نٿو ٿئي . . !!

۽ مير علي احمد سان ڪيترا نه گهرا ذاتي واسطا هئا، پر جڏهن هو ٻاهرين ملڪ رهي ٿو ۽ منشي شاعري ۾ خط لکي ٿو پر ڏسو ته ان ۾ ڳالهه ڪهڙي ٿو لکي.

ڪرين پيو عيش انگليند ۾ وطن وارن تي ڇا گذريو
رهي پُورن سان وئين ڀُلجي، هتي ڪارن تي ڇا گذريو

سنڌ ڌرتي جي ۽ سنڌي قوم سان هيڏي ساري محبت ۽ اٿاهه عشق هيڏي ساري قربانين سالن جا سال جيل ۾ رهڻ ۽ ڪيتري ساري قومي شاعري ڪرڻ جي باوجود ڪٿي به ڪڏهن به اها دعوىٰ نه ڪئي اٿس ته آئون وڏو شاعر آهيان پر اهڙو اظهار ڪڏهن اشاري ۾ نه ڪيو اٿس. هن جو مقصد هو ته ٿوري به شاعري ڪجي پر سٺي ۽ سچي شاعري ڪجي جنهن ۾ مصلحت پسندي جو ڪو جُز به نه هجي.

مصلحت کي هڻ موچڙو، اٽل عزم ڌار
سائي تند تنوار، جنهن سان جڳ جاڳي پوي . . !!

اهڙي طرح هر شاعر جي سڃاڻپ سندس شاعري آهي ۽ منشي جي سڃاڻپ هنن شعرن سان آهي.

ڪتيون ڪئين قيد ۾ گذريون، ڇڳو ڇيٽن ۾ ملنداسون
سرنهه پيلا جهليندي گل، تڏهن ڪيٽن ۾ ملنداسون

جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو، هر ڪو پنهنجي اگهه اگهاڻو
جيڪو ماڻهو ڪين وڪاڻو، سوئي ماڻهو موتي داڻو

جنگ جنگ، جنگ آ، ۽ منهنجي توسان جنگ آ،
پليت پير پري ڪر، هي ڌرتي منهنجو ننگ آ

ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين ڪيٽي بندر کان ڪشمور

Gul Hayat Institute

موتين ڪاڻ هيءَ ملڪ سڄو آ مارن ۾ مارو مور

تون ڪالهہ بہ هئين ارغونن سان، ترخانن سان، غدارن سان
مون ڪالهہ بہ سُوري سينگاري هئي، هوشو، هيمونءَ پارن سان

مون پَڪ سڃاتا پنهنجا هُئا گڏ، ڌارين سان ڪي ڌاري ۾
تي واٽ ڏسيائون ويرين کي ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾

تُنھو جو سنڌ لئہ لڙي، تُنھو جو سنڌ لئہ ڪڙهي
سو سنڌ مان لڏي وڃي، سو سنڌ کي ڇڏي وڃي

۽ ڌرتي کي ننگ سمجهڻ وارو شاعر هميشہ زنده آهي امر آهي ۽ امر رهندو.

آخر ۾ آءُ محترم سائين عبدالرشيد جو نهايت شڪر گذار آهيان جنهن پنهنجي سيني مصروفيتن کي هڪ پاسي رکي هن ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو. خاص ڪري آءٌ حبدار علي گاڏهي جو احسانمند آهيان جنهن منشي جو هي ڪتاب پنهنجي اداري موسىٰ پبليڪشن طرفان ڇپرائي ڏنو.

**غلام محمد آزاد سومرو**
پاٽج ابراهيم منشي
موبائل فون 03073001211

Gul Hayat Institute

## مهاڳ

قديم سنڌ جي اوائلي شاعر قاضي قادن کان ويندي جديد سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جو ذڪر ڪنداسين ته ان قديم ۽ سنڌ جي سفر ۾ اسان کي اهڙا چند شاعر ملندا جن جي شاعري ۾ زندگي جي هر رمز ۽ صنف شامل هوندي انهن ۾ شاعرن جي سرتاج لاکيڻي لطيف جو نالو سيني کان مٿانهون ۽ معتبر نظر ايندو. جنهن کي نه صرف سنڌ ۽ سنڌين کي ناز ۽ فخر آهي بلڪ لطيف جي شاعري جا ڪيترائي پهلو انهن جي عملي زندگي ۾ شامل نظر ايندا. صوفيت کان ويندي عشق تائين زندگي جي سمورن پهلوئن جي ان ۾ عڪاسي نظر ايندي ان ساڳي جديد سنڌ ۾ ٻيا به کوڙ سارا شاعر آيا جن جي شاعري جن جو فڪر ۽ فلسفو اعلىٰ درجي جو نظر ايندو پر اهڙن شاعرن ۾ ابراهيم منشي جو نالو تمام مٿانهون آهي هونئن ته منشي جي شاعري جو هر پهلو پنهنجو مٽ پاڻ آهي پر مشي ابراهيم کي ٻين شاعرن کان جيڪا مٿاهين انفراديت حاصل آهي سان ان جي مزاحمتي شاعري آهي. منشي جي شاعري ۾ جيڪو مزاحمت جو پهلو شامل آهي سو شايد سنڌ جي ٻين شاعرن جي حصي ۾ تمام گهٽ آيو آهي. منشي جي گيتن، واين، غزلن، مرثيہ، عشق، صوفيت سميت شاعري جي سمورن پهلوئن ۾ به مزاحمت جو عنصر وڏي واڪي سمايل آهي ۽ هن جي هر سٽ ۾ سوز، محبت ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان عشق جي حد تائين لڳاءُ نظر ايندو هُو جيل ۾ هجي يا ريل ۾ هجي هو هر هنڌ بيباڪي ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جي دردن جي ترجماني ڪندي نظر ايندو،

جا جاڳائي جيل، جوت منهنجي جيءَ جي
وانگين ويل سويل سائي رهندي سوجهرو

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي هر شاعر انقلابي نه هوندو آهي پر هو انقلابي شاعر هوندو آهي. پر منشي اهو شاعر آهي جيڪو انقلابي توڙي مزاحمت ٻنهي جو پيڪر آهي. انقلابي مان مراد اها به نه آهي ته ڪو هٿياربند جدوجهد ڪجي يا رياست کان پنهنجا حق وٺڻ لاءِ بمن ۽ بارود جو سهارو وٺجي پر انقلاب علم، عقل ۽ ڏات سان به آڻي سگهجي ٿو. ۽ منشي ابراهيم پنهنجي شاعرانه ڏات وسيلي پنهنجي من جو آواز، پنهنجي ڌرتي توڙي ان جي واسين جي ڏکن، دردن جي ترجماني پنهنجي ڏات ذريعي ڪئي. منشي نه صرف هڪ اعلىٰ صفت شاعر هو پر ان سان گڏ قدرت هن کي اهڙو ته دل لڀائيندڙ ۽ ٻين کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندڙ سريلو آواز ڏنو هو

جو جڏهن جلسن جلوسن مجلسن توڙي محفلن ۾ پنهنجي گجندڙ آواز سان سُر آلاپيندو هو ته حاضرين تي وجد طاري ٿي ويندو هو.

هي ڳالهه نه ڳاڙهين ساڙهين جي، هي ڳالهه نه بنگلن ماڙين جي
هي ڳالهه آ وانگين واڙين جي، هي ڳالهه نه جلسن تاڙين جي
هن ڳالهه ۾ ڳُڻ اڻ ڳڻ ڳاٽا مونکي چاڻ چريو آ مان چاٽا
سنڌ سنڌوءَ جا ساٽا ساٽا، مون کي چاڻ چريو آ مان چاٽا

منشي جي شاعري لفظ ، تجنيس، رديف، ڪافيو، فڪر ۽ فلسفي جو اهڙو مجموعو آهي جنهن جي سٽ سٽ ۾ انقلاب، لفظ لفظ ۾ سحر ۽ بند بند ۾ بارود پريل آهي . منشي جي شاعري ۾ لفظ رقص ڪن ٿا لفظن جو اهو رقص پڙهندڙ توڙي پڙهندڙ کي به رقص ڪرڻ تي مجبور ڪريو ڇڏي.

قمري سان گڏ طوطا تاڙا مور، ڪبوتر ڳيرا ڳاڙها
ڳُن ڪلاچيءَ تي ڏس ڪيڏي ويڙهه هلي پئي واڳن سان
قمري جهيڙيو جوتو آهي ڪارن ڪارن ڪانگن سان
بازن سان شهبازن سان ڏيهه ڏنگيندڙ نانگن سان

اسان منشي جي سمورن شاعري جي مجموعن تي سرسري نظر گهمائينداسين ته وڳهه جا وريام، ڏونئيري ڏينهن ڏاڙا، ڌرتي دين ڌرم، گوندر ويندا گذري، اکر اکر کي اک ۽ پيغام مظلوم توڙي هاڻوڪي هن ڪتاب چِپر، چَمر، چانورو جي هر سٽ، هر لفظ ۽ بند ۾ منشي جي شاعري جو معيار انتهائي مٿانهون نظر ايندو.
پنج درجا پاس، گڏه تي سامان وڪرو ڪندڙ ۽ ٺيڪدارن وٽ منشي رهڻ وارو ابراهيم منشي سنڌ جي پي ايچ ڊي ڪيل شاعرن توڙي اعلىٰ تعليم يافته شاعرن کان سچ پچ ته تمام وڏو شاعر آهي منشي کي عطائي ۽ ذات ڏٺي شاعر چئجي ته ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو.
هن نئين آيل ڪتاب ۾ منشي جي شاعري ۾ مزاحمتي شاعري، عشقيه شاعري، وايون، ڪافيون، حمدون ۽ نعتون ۽ سنڌ جي ناليوارين شخصيتن جهڙوڪ شهيد فاضل راهو، حاجي احمد ملاح، نجم ميمڻ، شهيد فيض محمد ٽالپر تي پڻ شاعري ڪري ڪين عقيدت جي پيٽا پيش ڪئي آهي.
فاضل کي ياد ڪندي منشي چوي ٿو:

Gul Hayat Institute

دودي ڏنو داد، راهو تنهنجي رت کي
فاضل زنده باد، سنڌ ڇٽي پئي سُورما

سنڌوءَ سينڌ سنڌور راهو رات پري ويو
پل نہ هڪ پاسي ٿيو، ڪنا ڏوٿين ڏور
ماڻهن ۾ مذڪور، تہ راهو رڄ ڪري ويو

وري ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

راهو توريءَ رڄ ڏسان ٿو ماريل مارو مڄ ڏسان ٿو
ڏاڍي تنهنجي اڄ ڏسان، سڪر بڪر سڄ ڏسان ٿو
تون ماڻهو موتي داڻو هُئين، تون جهانگيئڙن لئہ جهڙ جا جهالا
راهو تنهنجا رنگ نرالا

منشي، مولوي حاجي احمد ملاح کي شاعرن جو شهنشاهہ سڏيندي ڪيس هنن لفظن سان پيٽا ڏي ٿو:

شاعرن جو شهنشاهہ آهي مولوي احمد ملاح
شاهہ کان پوءِ سنڌ کي مليو مسيحا واهہ واهہ
جڏهن گيت تنهنجا ڳائجن، شاعر پيا شرمائجن
ڳوليم وچي عرب و عجم، تجنيس تي توتي ختم
سِٽ سِٽ آ سوغات جڻ، بر ۾ ٻٽيل باغات جڻ
مالهائون موتين جون چوان، يا جوتيون جوتن چوان
ڪافيہ رديف ۽ بحر جو، بيشڪ آهين تون بادشاهہ

يعني ائين ڪٿي چئجي تہ زندگي جي اردگرد گهمندڙ سمورن ڪردارن کي توڙي ان جي پس منظر کي جنهن انداز سان منشي پنهنجي شاعري ۾ سمويئو آهي سو هر ڪنهن شاعر جي وس جي ڳالهہ ڪونهي.
وائي هجي يا نظم گيت هجي يا غزل منشي جي شاعري جو پنهنجو رنگ ۽ ڍنگ نظر ايندو جيئن هن بند ۾ چوي ٿو تہ:

تنهنجي جي محبت ۾ مٺا اڄ داغ دل تي ٿيا نوان
اڄ اچڻ جي مهل آهي ٿو وڃي هي ڪاروان

منشي جي زندگي جا سڀ حصا پنهنجي پنهنجي رنگ، ڍنگ ۽ انگ جي حوالي سان نهايت اهميت جوڳا آهن. زندگي جي پهرين حصي ۾ والد جي وفات کان پوءِ منشي هڪ عام ڳوٺاڻي وانگر گڏهه تي سامان رکي ان کي ڳوٺن ۾ وڪرو ڪري ٿو. جواني جي جوڀن ۾ عشق جي عذاب ۾ مبتلا ٿيڻ عشقيه شاعري ڪري ٿو. جواني جي ان جوڀن ۾ عشقيه شاعري سان گڏ هو سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين کي پنهنجي شاعرانه اک قائدانه صلاحيتن سان ڏسي ٿو عوامي ۽ سياسي جلسن ۾ يڪسر تبديل ٿي وڃي ٿو. جڏهن سنڌ ۾ ايوبي آمريت سنڌ جي قومي وسيلن تي ڌارين کي پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ ۽ سنڌ توڙي سنڌ واسين سان ظلم جو آغاز ڪري ٿو ته منشي ۾ هڪ نئون منشي جنم وٺي ٿو . جيڪو فاضل راهو جهڙن مٿيرن قومي اڳواڻن سان گڏ سنڌ جي حقن جي حصول واري تحريڪ ۾ شانه بشانه شامل ٿي وڃي ٿو. ۽ جهر جهنگ ۽ وستي وستي وڃي قومي جاڳرتا جي مهم هلائي ماڻهن کي جاڳائي ٿو ۽ جيلن جون صعوبتون سهي وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو. جنهن بعد هڪ مضبوط ارادن وارو منشي جيل مان نڪري ٿو جيڪو هاڻي آزادي کان سواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ کي وٺڻ لاءِ تيار ڪونه ٿو هجي.

برابري سراسري اسان گهُرون ٿا ايتري
پڇي ڪٽي ڪو ڪيتري اسان ٻڌايون هيتري
آزاد قوم جيتري، آزاد قوم جيتري
جو سچ انهيءَ تان سڙي، سو سنڌ مان لڏي

ٿو جو سنڌ لئه لڙي، ٿو جو سنڌ لئه ڪڙهي
سو سنڌ مان لڏي وڃي، سو سنڌ کي ڇڏي وڃي

هي اهو منشي آهي جيڪو ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين ۽ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين جي سنڌ واسين ۽ ان جي وسيلن انهن جي حقن، انهن جي تهذيب ، ثقافت ۽ تاريخي حيثيت جي ڦرلٽ خلاف سراپا احتجاج آهي هي اهو منشي آهي جيڪو جيل ۾ هئڻ دوران پٽ جي وفات تي حڪومت کان آزادي جي خيرات گهرڻ کي ڪفر ٿو سمجهي بلڪ سامراجن کي وڏي واڪي للڪاريندي چوي ٿو:

جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي توسان جنگ آ

## پليت پير ڪري پري هي ڌرتي منهنجو ننگ آ

اهي ابراهيم منشي جي سماجي زندگي جا اهي جنم آهن جن جنهاڻ جي ابراهيم کي ابراهيم منشي بڻائي هن کي سنڌ جي هر زبان تي آڻي پنهنجي لاءِ عقيدت احترام توڙي سندن دلين ۾ عزت ڀريا مقام ڏياريا.
منشي ابراهيم جي هن ڪتاب ۾ به منشي جي زندگي جي انهن سمورن لاڙهن، چاڙهن جي خبر پوي ٿي منهنجي خيال ۾ منشي جي پهرين آيل ڪتابن کان وڌيڪ هن ڪتاب ۾ منشي جي شاعري مان منشي جي پنهنجي ڌرتي، ڌرتي واسين ۽ قومي اڳواڻن سان عقيدت ۽ محبت جو وڌيڪ پتو پوي ٿو. خاص ڪري منشي جي مذهبي لاڙي جي باري ۾ هن ڪتاب پڙهن سان معلوم ٿئي ٿو هن ئي مزاحمت کان مذهب جو وڏو اثر هو. سرور ڪونين صلي الله عليه وسلم کي هنن سڀن سان عقيدت جي پيٽا ڏي ٿو.

نور نراڙ ۾ ائين چمڪي جيئن چمڪي چنڊ ستارن ۾
واحد پاڻ واڪاڻيو آهي سيني ٽيهن سِيپارن ۾

منشي جي ٻي طرف جڏهن ڌرتي تي ٽيندڙ ڏاڍن جي ظلم کي ڏسي ٿو ته بي ساخته چوي ٿو ته:

جن هنيا تي حق جا هوڪا، سي ڦِري ڦورُو ٿيا
بس رنديءَ جي راڳ تي گانا به افسانه ٿيا
ڏس دنيا جي دور ۾ دانا به ديوانا ٿيا
راز جا همراز ٿي، سورن جا سامان ٿيا

هتي اهو چوڻ بجا ٿيندو ته منشي ڌرتي کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به شيءِ سان عشق نه ڪندو هو. هن جڏهن به جنهن به اڳواڻ کي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين کي جدوجهد ڪندي ڏٺو ته ان جي صف ۾ شامل ٿي ويو پوءِ اهو فاضل راهو هجي يا ممتاز ڀٽو يا هن جو سن جو سيد هجي. فاضل جي شهادت منشي کي اڪيلو ڪري ڇڏيو جنهن بعد گهڻي وقت جي خاموشي کان پوءِ هن ممتاز ڀٽو جي ڪنفيڊريشن واري نعري هيٺان ان گان گڏ هلڻ لڳو پر هن جڏهن ڏٺو ته هتي به سنڌ جي آزادي جي ڳالهه ڪونه ٿي ٿئي ته هن ان کان به علحدگي اختيار ڪري ڇڏي. اهو ته بلڪل واضع آهي ته منشي جي شخصيت تي شاعري ۾ مولوي حاجي احمد ملاح جو اثر هو ته سياست ۾ سن واري سائين جو سبق سمايل هو. ان ڪري هر هر هنڌ ڳالهه وري به سنڌ ۽ سنڌ واسين جي ڪندو هو.

هي منشي آخر مرڻو آ ۽ ويس مٽائي ورڻو آ
سو ڇئبو جيڪو ڇوڙو آ، هڪ پير نہ پُٺ تي پرڻو آ
تو مٿيءَ کي مَن مان ڏيان اي سنڌ امان اي سنڌ امان

منهنجي ذاتي راءِ ۾ منشي جي شخصيت صرف هڪ شاعر واري نہ هُئي پر هو هڪ وڏو ۽ بيباڪ سياسي اڳواڻ هئڻ سان گڏ هڪ وڏو راڳي بہ هو جنهن کي لطيف جي ڪلام تي ڪمال جي حد تائين دسترس حاصل هئي ان ڪري ئي شاهہ جي ڪلام کي منشي کان ئي تحت اللفظ ريڪارڊ ڪرايو ويو. منشي جي آواز ۾ اهڙو تہ جادو هو جو هو جڏهن جلسن ۾ جهونگاريندو هو تہ مولانا عطاءالله شاهہ جي بقول سيني کان وڏي خوبي ان جو سچ ڳالهائڻ هو. ڪنهن کي بہ ڪنهن هنڌ وڏي واڪي سچ چئي ڇڏيندو هو. جنهن سبب ماڻهو منشي کان متنفر ٿيڻ بجاءِ ان سان بيحد پيار ڪندا هئا.

مون جنگ جبر سان جوٽي آ، هر ڳالهہ ۾ مون وٽ ڪوٽي آ
غدار وطن مان ناهيان ناهيان، باغي آهيان باغي آهيان

منشي جي سڄي شاعري کي سهيڙي گڏ ڪرڻ ۽ ڪتاب ڇپرائڻ تائين سڄي جاکوڙ ۽ جدوجهد جو سَهرو غلام محمد آزاد جي سِر سُونهي ٿو جنهن وڏي محنت ڪري منشي جي سموري شاعري کي گڏ ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ عوام جي هٿن تائين پهچائڻ جو تمام انوکو ڪم سرانجام ڏيندو رهيو آهي . ڪيس لکين آفرين.

**عبدالرشيد سومرو**
صحافي جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

# باب پهريون

# بيت

Gul Hayat Institute

## ڏکن پريا ڏينهن

مون جي ڏکيا ڏينهڙا، قيدن ۾ ڪاٽيا
لڳ تہ لوساٽيا، پر آئي منزل اوڏڙي . . . !!

ڏنا جيل ڏڌا، جڏهن منهنجي جيءَ کي
تڏهن مون لڌا، سندا پريان پيچرا . . !!

جيل منهنجي جيءَ تي، ڏنيون جي جاٽون
ثابت سيُون سي ٽيون، وانگين لئہ واٽون
لاٽون ئي لاٽون، ايندو نہ ويندو اوجهري . !!

جيل منهنجي جيءَ ۾، جوت جاڳائي جا
آسُونهين لئہ سوجهرو، سدا رهندي سا
ڪانہ پُلبي ڪا، آسُونهن واٽ اونداهہ ۾ . . !!

جيل جاڳائي جوت، جيڪا منهنجي جيءَ ۾،
مات ڪري تنهن موت، ڏنا جُڳ جيئَڻ جا . . !!

جيئن جيئن ڏنا جيل مون، گهاون مٿان گهاءَ
تپي نڪتا تن منجهان، پيڙهين جا پڙلاءَ
وڇوڙي جي واءَ، ويجهو ڪيو وصال کي . . !!

جا جاڳائي جيل، جوت منهنجي جيءَ ۾
وانگين ويل سويل، سائي رهندي سوجهرو . . !!

مون جي گهاريا جيل ۾، ڏکن پريا ڏينهن
تن ئي منهنجو نينهن، نکاري نئون ڪيو . . !!

جي حياتيءَ ڏينهڙا، ڪاٽيم منجهه ڪوٺن
ڪرن ۾ ڪوٺن، پرڪي لڏم پيچرا . . !!

پيئي مون پرڪ، جيل جاٽيندي جيڏڙا
زندانن ضمير ڪي، لوڏيو پيرا لک
اُڏريا ڪانا ۾ ڪک، جبل پنهنجي جاءِ تي . . !!

جبل پنهنجي جاءِ تي، توڙي ڪئين طوفان
ڇُري ڪيئن چٽان، پاڙون جنهن پاتال ۾ . . !!

پُوري پيئي پروڙ، واحد جمع وچ جي
لاٿي قيد قلب تان، ٽوئي ٽوئي ٽوڙ
سارا سچ ۾ ڪوڙ، ٿيا اکيان اوڏڙا . . !!

مونکي جيل جڏو ڪيو، ٽنگون ٻئي ٽوڙي
پوءِ ٻہ آهيان سوار مان، قومي گهڻ گهوڙي
مرڻ جيئڻ جن سان، رکيم جيءَ جوڙي
ويا جي ٽوڙي، سي پيدل وتن پِندا . . !!

قومي مقصد ڪاڻ، سوڍن سر ترِيءَ تي
ڄاڻي ٻي سڀ ڄاڻ، ڇڏي ڇُليا ڇپرين . . !!

آئون ۾ مان منجهان، جيل ڇڏائي جند
پاتم نيئر نينهن جو، تہ سنگت ساري سنڌ
چور ٻہ ٽي ڪي چند، باقي سڀا سڀ ياٽرو

مان ڪي مُور نہ مڃ، تون رک اسان، ۾ آس
مارِي آهي مارڻو، راڄ مِڙي راڪاس

ٽُرپ پتو جيئن تاس، لوڪان آهي لڪائڻو (1977 سينٽر جيل ڪراچي وارڊ 16)

Gul Hayat Institute

# مشاهدو موت جو

ڪارندا قبر لئہ، ڪانوُ ويا ڪيچي
ڪاري ڪنهن اچي، موتايو نہ موت کي . .!!

موت آهي ماڙهوئا، متي ڪان متي
آوَس اهي اچڻو، اُبرئي يا لتي
جهان جي جتي، هر ڪنهن آ هرڪائيو!!

متان ڊڃين موت کان، موت نہ آهي موت
جِيءَ جنين جي جوت، سي جسم ري جيئرا رهيا . . !!

مون مشاهدو موت جو، وچي وريو هان
نانگ بلائون نرگ جون، پارڻ ۾ پريو هان
حورن جي هڳاءُ ۾، تينگ ڏيئي ٽريو هان
تڪون طهورا منجهان، پِي پِي پريو هان
چريو ڪريو هان، تہ بہ ماري ويس موت کي . . !!

انگجي ويا انگ، پيو سونڪو ساهہ ۾
جوتي اٿئون جيءَ سان، جيئڻ مرڻ جنگ
ڪيڏا رُوپا رنگ، سلهاڙيل آهن ساهہ سان . . !!

16.11.1992

Gul Hayat Institute

## نيند آهي نينهن جي

ورهين ويساندرين واس، وٺون ويڙهي ۾ ويهي
هي هميشہ زندگي، رهي نہ ڪنهن سان راس
اندر جي اماس، اڄ تہ لالڻ لاهيون . . !!

نيند آهي نينهن جي، سڏ پڙاڏو سِڪ
في اَذڪُروني اَذڪُرڪُم، چِڪ چڪي تي چِڪ
حقيقت ۾ هڪ، آءُ تون ٻئي آهيون . . !!

جو ڳيئڙا ڏيئڙا، ٻاري وينا ٻاجهہ جا
پائي وچو پيرڙا، لالڻ وجهي ليئڙا
جيئرن جا جيئڙا ملي ماڻين محبتون . . !!

مُنهن مقابل من ٿئي، موٽي ملاقات
ساروڻيون سرير ۾، اُيرن آڌيءَ رات
پکن منجهہ پريات، ويهي وِرهہ ورهائيون..!!

جدائي ۾ جندڙو، گهايل تو گهاري
مون تہ محبت جون رکيون، ڏياٽيون ٻاري
جي اچين اوتاري، تہ گوندر وڃن گم ٿي . . !!

اڄ تہ اورڻ اوريون، ويهي منجهہ ويڙهي
سڏيون گڏي سنڌ جا، محبتي ميڙي
سُرن کي ڇيڙي، وايون ڪي ورجائيون ..!!

ايندن لاءِ اکيون، پسڻ رِيءَ نہ پُورييون
جيڪي رب رکيون دوستن جي ديدار لئہ .. !!

❖

چڪائي چاهت منجهان، سچڻ جا سُرڪي

Gul Hayat Institute

ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي، محبت سان مُرڪي
ٻاجهاري ٻُرڪي، ڪيڏي مٺاڻ من تي .. !!

❖

مور ٺهوڪو چڙهيو، ٻوڙي آئي ٻيل
وِهاڻي جي ويل، پرت ونديئون پاڻ ۾ .. !!

ٻڪندي ڏسي ٻيل کي، پَر پکيڙيا مور
نينهن نيايون ناچ سان، ڪارونجهر جي ڪور
هينئڙي سندي هور، لحظي ۾ لهي وڃون . .!!

❖

نگر نگر نيلام، هلن پيا هَٽَ
وڪر جيئن وڪڻن پيا، پيرن هيٺان پَٽَ
اُتي اک اُپٽ، بَچُ پُرين جَي پِٽَ کان .. !!

ڏيا ٻاري ڏيهه ۾، روشن ڪر راتيون
عشق جي اخلاص ۾، ذاتيون نہ پاتيون
ڪندڙ سهي ڪاتيون، سوجهرو ڏي سنسار کي . .!!

❖

Gul Hayat Institute

## دوها

ڪَڙين ڪَڙيل ڏسي ڪَڙها تو پنهنجي قوم ڪروڙ

وانگيئڙن کي ويل ۾ ڏسندي ور ور پون ولوڙ

قوم جا ڪونڌر ڪيسن سُمهندين گهاٽي ٻنگ جي گهيرٽ ۾
صدين ستل انسان اٿي پيا هر هڪ آهي حيرت ۾

ڪارن گورن جنگ آ جاري جهر جهنگ ٻيلا ٻرن پيا
حق صدين جا قومي پنهنجا وڙهن، وٺن ۽ گهُرن پيا

هر هڪ ٻونءَ جا ٻاڳيا جاڳيا چورن ٻاڳين جاري جنگ
سنڌ سڄي ڇڻ گهوٽي گهاٽي پيتي ٻُوبڪ ٻنگ

ڏٽي ته ڌرتيءَ جو آ هاري چور وڏيري چال ڏسو
ڪار ۽ بنگلو رهي ڪراچي هاريءَ جا هت حال ڏسو

ڪُتي ڪاهوجين، رهي راهوجين، ٻهي ٻاهوجين، چو ته ٻلا
اهڙي عادت سان هي جت ڪٿ ڪائي ٻيئي روز ڪلا

رڻ ڪان وڏيون راتيون هت ۽ ڏونگر جيڏا ڏينهن هتي
گهاريا ويٺو آس انهيءَ تان وسندا محبت مينهن هتي

اُپ ڏٽي جي آسري توکي ڪيڏا صديون سن سال ٿيا
پاڻ تي ياڙيو جن پي ماڻهن تن جا عجب احوال ٿيا

اُت، اُت هاڻي اُپ پراڻو ڍاهي اڏيون نئون نڪور
ڏاڍ جبر جو جنهن جي هيٺان رهي نه منشي هورا ڪور

1977ع سينٽرل جيل ڪراچي

**ٻه سٽا**

Gul Hayat Institute

مان اوير کان نئون اُيران پيو تون لهندڙ سج جو پاڇو
منهنجي جوت سان روشن ٿيندو اتر اولهہ ڪاڇو

❖

تو تہ نہ ڪڏهن چکيون قم هتي ڪوٽيون
تڏهن تو نہ آئيون سنڌوءَ ساروٽيون

❖

ڌرتي جي جنگ وڙهيا آهيون وڙهندا رهنداسون
پوتر پيار آ جيجل ماءُ سان پُٺ نہ ڏينداسون

❖

سهندي جبر جگر تي توسان نيايان ناتا
ڪائي جي ڪرچين تي چڻ پيرڙا مون پاتا

❖

ناهي پنڌ پري، اڇ پير پري، هي اکڙيون ويٺيون آس ڪري
هيڪر تہ حياتيءَ منجهہ ملون، پوءِ ڪير جيئي ۽ ڪير مري

❖

جُهولي جهنبي واري ڪار
سيٽون ٽي ۽ چمچا چار

❖

Gul Hayat Institute

# چوسٽا

هن بيگانن جي بستيءَ ۾، ڪو ظالم آهي مستيءَ ۾
هتي پُٽن اگهاڙا پاٽي لئہ، حيران هزارين وستيءَ ۾
هُو چيٽ ڪتيون ويو چَٽ ڪري، ڪو چور وڏيرو چال ڪري
پوءِ ڊايل پيو نت ڊنگ ڪري، هر روز حرامي هستيءَ ۾

❖

نہ ڪي ميرن سندا ماڻهو، نہ ڪي پيرن جا پُوڄاري
اسان مظلوم ماڻهن سان، رهيا آهيون ۽ رهنداسون
نہ ڪي دربان ڪنهن در جا، نہ ڪريون ڪنهن جي ڪمداري
اسان حامي تہ هيٺن جا، رهيا آهيون ۽ رهنداسون

❖

ماڻهوءَ جي قيمت مقرر ناهي، موڙي ڪڏهن چاڙي آ
ڪِن جي قيمت ٽوبو ڪاسو، ڪِن جي قيمت پاٽي آ
ڪو لالچ ۾ ڏس ليٽي پيو، ڪو خوف حراس ۾ هيسيل آ
ڪو مجبوريءَ ۾ آهي مُبتلا، ڪن جو من ماٽي آ

❖

هتي ٽي ظلم جي انتها آهي ، تہ اڄ آهي
سؤ فيصد سچ ڪي سزا آهي، تہ اڄ آهي
مدد، نادر، هلاڪو جو شرم ڪان، ڪنڌ جهڪيل آهي
قدم قدم تي ٽي ڪربلا آهي، تہ اڄ آهي

❖

Gul Hayat Institute

مُلون ويري مذهب جو، مڙني کان متي
خيرات ۽ زڪوات کي، ڪِتان تو ڪَتي
پورهيت اونو پيٽ جو، پيو پورن ۾ پچي
هن مال ملي مفت ۾، اُبرئي يا لتي

❖

مُلون وِڪڻي مذهب کي، پيٽ ڏس پاري پيو
پاڻ ڪريو ڪار مان پر، ٻار ٻيا ڪاري پيو
حرام مان حلال لئہ ، ورق ڏس واري پيو
فتوا ڏيئي فتنہ جون، ڏيهہ ڏس ڏاري پيو

❖

سنڌ ٻڙڪي پئي، باهہ ڀڙڪي پئي
دل ۾ دوزخ ٻري، اڪ ڦڙڪي پئي
ڏڻ ڏارين جا ڏسي، دل ڌڙڪي پئي
پوءِ بہ وانگين جي ويءِ، وائڪي وڙڪي پئي

❖

سنڌو سُڪو ۽ سنڌ سُڪي، ٻي ڳالهہ آ سپ ٻي ٽُڪي
ڏيئڻو اَتنان ڏيو اُتي رت جي ٻَلي رت جي ٻُڪي
جهڪندا ائين ويندا جُهڪي ٿيئڻي هئي سا ٿي چُڪي
اجان وفاقن ور چڙهيا پوءِ سنڌ اوهان کان وئي اُڪي

❖

Gul Hayat Institute

مونکي باغي ۽ تون غدار تو سمجهين
اها منهنجي ڪيڏي نہ آ خوش نصيبي
بلاول بہ باغي ۽ هوشو بہ هو باغي
ڪڏهن قوم سان ڪين چڏبي قريبي

❖

هيڏي هاهوڪار متي آ

ڏُريون ڏر ٿيو ڏرتتي آ
تنهنجي پنهنجي چيٽ ڪتي آ
ڪا ٻہ نہ تنهن مر تنهنجي پتي آ

❖

چنڊ ۾ آ چوٽ تنهنجو ۽ پي تارن ۾ پتي
قومون ڪنهن کي ڪين ڪي چوڏو چڏين
قومون قوت سان چنيو چوڏا وٽن
روئي ڪنهن نہ حاصل ڪئي آهي رَتي

❖

تون تاج محل جي آهين طوطي
پل چُونڊ چُگڻ لئہ تون موتي
تون تارا ڪڍي پل ڪاءُ اکين جا
مون لئہ ڪافي آ تنهنجي جوتي

❖

Gul Hayat Institute

## چهه سٽو

سگهه هوندي سنگهارن کي جڏهن سوگهو ڏسان ٿو
ڪيڏي نہ وڏي قوم کي ايندي گهوگهو ڏسان ٿو
هوشيار خبردار تڏهن توکي چوان ٿو
بارود تنهنجي بم ڪنا ڪڏهن ڪين ڏجان ٿو
ڪٽي قوم ڪروڙ هي مان اچان پيو، اچان پيو
باغي جو ڪٽي تاج مان دشمن ڏي وڌان پيو

## ٽہ سٽو

چولي متي چٽ
سچر هٽ ڪنهن سئيءَ سان
آهي سجائي سٽ

Gul Hayat Institute

# وايون

Gul Hayat Institute

لڏو هڏ مَر لاهه
اُپ واري جي آسري

سائو پنهنجو پيٽ ڪنيدو
ٻُڪئي ويندو نيندو ساهه
اُپ واري جي آسري

جاگيرن جا اجگر مالڪ
تن سان ٺٽ ۽ ٺاهه
اُپ واري جي آسري

ڇُر پر، محنت آ زندگي
ماٺ مٺل آ مئل باهه
اُپ واري جي آسري

هماليہ ٻہ هٽيو وڃي ٿو
جي همت آهي همراهه
اُپ واري جي آسري

جاڳ منشي جڳ جاڳاءِ
نہ تہ نڪري ويندئي لاهه
اُپ واري جي آسري

24.1.1998

Gul Hayat Institute

محبت ڪونهي مُل
قيمت پُڇي ڇا ڪندين

سهڻي، ساهڙ وچ ۾
پيار آهي پُل
قيمت پُڇي ڇا ڪندين

پڙهي، پروڙي ڏس پيارا
ڪتاب قصيدا ڪُل
قيمت پُڇي ڇا ڪندين

عشق ري انسان اڌورو
يُلجي نہ ڪجئين يُل
قيمت پُڇي ڇا ڪندين

منشي تي محبت سندي
جُهلي آئي جُهل
قيمت پُڇي ڇا ڪندين

18.10.1998

Gul Hayat Institute

هوريان هوريان هَل
واجب ساهي وچ تي ناهي

ڪين جهليندي ڏياچ ڏاتارن
جهونا ڳڙهه جي جَهل
واجب ساهي وچ تي ناهي

چاڙ ته پهتي ڪُن ڪلاچ تي
گهاتوئڙن جي گهل
واجب ساهي وچ تي ناهي

ڪالهه ڏٺا مون قومي ڪُونڌر
پلوائڻ جا پَل
واجب ساهي وچ تي ناهي

سنڌڙي ڇٽيا آهن سدائين
منشي مانجهي مل
واجب ساهي وچ تي ناهي

7.10.1990

Gul Hayat Institute

هر هر - هر پيري
سي مون جهليا جهول ۾
سي مون پاتا پانڌ ۾

پُيڙي جهلي ٻانهن کان
سُور ڏنا سيري
سي مون جهليا جهول ۾
سي مون پاتا پانڌ ۾ . . !!

ڏک مليا جي ڏات ۾
هيئون تن هيري،
سي مون جهليا جهول ۾
سي مون پاتا پانڌ ۾ . . !!

ڪو ويو گونچ گلاب جا
ڪان هٿي ڪيري
سي مون جهليا جهول ۾
سي مون پاتا پانڌ ۾ . . !!

ٽپهري ٽاريءَ مٿي
ڳٽڪا ڪيا ڳيري
سي مون جهليا جهول ۾
سي مون پاتا پانڌ ۾ . . !!

سمجهيا جي سماج ٿي
منشي منهن ميري،
سي مون جهليا جهول ۾
سي مون پاتا پانڌ ۾ . . !!

2.4.1985 حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

آٿي اچ، اياز
گهر گهر پيو گهاٽي گهمي

اُت سهايون سرڙا
رکي جيجل راز
گهر گهر پيو گهاٽي گهمي

تنهنجون منهنجون ڳالهڙيون
سچا باب بياز
گهر گهر پيو گهاٽي گهمي

سڏ پڙاڏو، سڏ نئون کو
شوکي چئو شهباز
گهر گهر پيو گهاٽي گهمي

کشي تند تنبير جي
سوزان ساهي ساز
گهر گهر پيو گهاٽي گهمي

منشي ميهڻان ماءُ جا
اچن پيا آواز
گهر گهر پيو گهاٽي گهمي

Gul Hayat Institute

17.10.1983

سُور سنڌو ماءُ لئه
ڪو ساٿ سڱڙو سوريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

ڏادو آهي ڏيھ ڏڪايل
ڏورڻ تنهن سان ڏوريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

ڪنهن سان، ڪنهن سان ويهي ڪجن
ڳالهيون نه آهن توريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

ڏيک ڏانئڻ جي پٽيان
ويون پنيلجي پوريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

وڳ سان واري گڏي
تن کي ترازو توريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

ٻليون چاڙهي جيئن درياءَ جل کي
تيئن گهورون سنڌ تان گهوريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

Gul Hayat Institute

جهول پرجي ويا ڏکن جا
جهورين منشي جهوريون
اڄ ته اورڻ اوريون . .!!

2001

وٺي کو وڃيات
سارو سودو سچ جو آهي

شوشا شڪ شبهات وساري
هڻ لت لات منات
سارو سودو سچ جو آهي

حال حقيقت هڪ ۾ هڪ ٿي
ٿي پئي رات برات
سارو سودو سچ جو آهي

اڇا هيرا آڇيان ويٺو
ذاتيلا هر ذات
سارو سودو سچ جو آهي

سچ جو چشڪو چک تون چت سان
موت کي ايندي مات
سارو سودو سچ جو آهي
منشي ماڻڪ ميڙڻ وارا
دير نہ ڪن دمسات
سارو سودو سچ جو آهي

Gul Hayat Institute

16.2.1992

بلڪل بي گناهہ
راڻا رات رُسي وئين . . !!

مون تہ ڪيا قربان اوهان لئہ
سوڍا، ساهہ پساهہ
راڻا رات رُسي وئين . . !!

نڪريو پيئي نهاريان
راڻا، تنهنجي راهہ
راڻا رات رُسي وئين . . !!

ڪَرهو، واري ڪاڪ تي
هٽي ڪام ڪر ڪي ڪاهہ
راڻا رات رُسي وئين . . !!

منشي اڄ نڪريو وڃي
اندر منجهان آهہ
راڻا رات رُسي وئين . . !!

22.12.2002 جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

ويٺي وجهان آئون واجهه
محبوبن جي ملڻ لئہ . . !!

پوندي مون مسڪين تي
ٻاروچل کي ٻاجهه
محبوبن جي ملڻ لئہ . . !!

پهچان شال پرينءَ کي
جيل جهاڳي جهاجهه
محبوبن جي ملڻ لئہ . . !!

مون کي ننڊ نهوڙيو
هو سنيڙيا ساجهر ساجهه
محبوبن جي ملڻ لئہ . . !!

پرچاءُ ڪارڻ پرينءَ جي
“منشي” ڳايان مانجهه
محبوبن جي ملڻ لئہ . . !!

28.4.2002 جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

ڪنگ پيا ڪن تنگ
هيل ٻہ يار هنجن ڪي . . !!

ڪنگن پوشاڪون پٽ جون
هنجن اگھاڙا انگ
هيل ٻہ يار هنجن ڪي . . !!

وڪڻن ويٺا واڪ ۾
پنھنجا نام ۽ ننگ
هيل ٻہ يار هنجن ڪي . . !!

نت نوان ڪئين رنگ انھن جا
نت نوان ڪيئن ڍنگ
هيل ٻہ يار هنجن ڪي . . !!

جھر جھنگ، تن جا جھيڙا جھڳڙا
جاري جت ڪٿ جنگ،
هيل ٻہ يار هنجن ڪي . . !!

جنھن ٻہ وڻ تي ويھن منشي
وجھن تنھن ڪي ونگ
هيل ٻہ يار هنجن ڪي . . !!

Gul Hayat Institute

چوريءَ کي اڄ چا ٿي ويو آ
پنهنجو پاڻ کي ڏاهي ويٺي، ڳائي ويٺي

ساڏي، سُوڏي نيڪ نمازڻ
ڪنهن سان اک اڙائي ويٺي، ڳائي ويٺي
پنهنجو پاڻ کي ڏاهي ويٺي

دم دم ڊوڙيو هو تہ دريءَ مان
لِڪيو ليئڙا پائي ويٺي، ڳائي ويٺي
پنهنجو پاڻ کي ڏاهي ويٺي

جهيڙا، جهڳڙا، رانديون، رونديون
يوري سڀ ڀُلائي ويٺي، ڳائي ويٺي
پنهنجو پاڻ کي ڏاهي ويٺي

سهيلين ، سرتين، لوڪ جا طعنا
پاند ۾ سڀ پائي ويٺي، ڳائي ويٺي
پنهنجو پاڻ کي ڏاهي ويٺي

پيچ اڙانگا پيار جا پائي
"منشي" من منجهائي ويٺي، ڳائي ويٺي
پنهنجو پاڻ کي ڏاهي ويٺي

12.8.2001 جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

# نظم

Gul Hayat Institute

# پورا بادل

يُورا بادل يُونءِ اجايل
وڏ ڦڙي جي وار ڪري وڄ
سڀ ترايون تار ڪري وڄ

هيڙو هُوڪي ڪوئل ڪُوڪي
جوڳي در در مرلي ڦوڪي
پَليون پَٽ ۽ جند نہ ڳارو
روجهن هرڻن تي ڏس مارو
ويتر واسين تونس وڌي وئي
ڪڏهن نہ ڪنهن جي سار لڌي وئي
گهر گهر آهي گهيرن گهايل
يورا بادل يونءِ اجايل

يرت يرڻ جا آتڻ اجڙيا
چولن جا ڇِٽ اُڙيا اُکڙيا
هڏن هاڻا مرجهيل مکڙا
ڪنهن نہ مُڪا اڄ ڪنهن ڏي سُکڙا
چوپاين جا چم ڳري ويا
ماروئڙن جا مال مري ويا
ساري سنيا تو وٺ سائل
يورا بادل يونءِ اجايل

Gul Hayat Institute

# پاپي پُراڻا

تو ڄاڻا سجاڻا هي پاپي پراڻا
غريبن جي رت تي رهيا راڄ راڻا

هنن کي هميشہ خزانو کپي
شراب ۽ ڪباب ۽ پيو ڳانو کپي
۽ نت عيش لئہ نوجوانو کپي
جدا ڪار بنگلو شهانو کپي
وڃن روس کي آمريڪا اُڏاڻا

هميشہ هنن قوم نيلام ڪئي
سِرعام بازار قتلام ڪئي
پنهنجي سرس ساري صُبوح شام ڪئي
رڪي رنگ رميءَ جو جوا جام ڪئي
هنن پيڙهيا هت ويڙهيچا ويڳاڻا

رِتي روح ۾ سي دولاپ ۽ ٺڳيون
وٺن ووٽ هٿيو هميشہ ڪڳيون
نہ وسريون غريبن کي آهن اڳيون
هي هر هر نہ لڳنديون لڳيون سي لڳيون
ويا هاڻ سمجهي هي سانگي سياڻا

Gul Hayat Institute

وٺن هي سدا آڙ اسلام جي
رکن مسلماني رڳي نام جي
سماءُ لهج صياد جي دام جي
هنن کي گهرج عيش آرام جي
هنن کي مِلون ۽ کپن نقد ناڻا

هي ظالم ۽ مظلوم جو اڄ ٽڪر
سوين سُور سانگين سٽا سربسر
هي مومل جي محلات وارو مڪر
پڄي "منشي" سوڍا ڇڏيندا سير
خبردار زردار سوڍا ساماٽا

1970

Gul Hayat Institute

# سَند سندوءَ جا ساٽا ساٽا

سَند سندوءَ جا ساٽا ساٽا، مونکي جاڻ جَريو آ مان چاٽا

هيءَ ڳالھ نہ ڳاڙهن ڳلڙن جي، هيءَ ڳالھ نہ سنهڙن چپڙن جي
هيءَ ڳالھ نہ ڪارن وارن جي، هيءَ ڳالھ نہ ناز نظارن جي
هيءَ ڳالھ گهري تي رت راٽا، مونکي جاڻ چريو آ مان چاٽا

هيءَ ڳالھ نہ ڳاڙهين ساڙهين جي، هيءَ ڳالھ نہ بنگلن ماڙين جي
هيءَ ڳالھ آ وانگين واڙين جي، هيءَ ڳالھ نہ جلسن تاڙين جي
هن ڳالھ ۾ ڳڻ اڻ ڳاٽا، مونکي جاڻ چريو آ مان چاٽا

هيءَ ڳالھ آ قوم نچائڻ جي، هيءَ ڳالھ آ مچ مچائڻ جي
جا ڳالھ ڏاهن آهي ڏسي، سا ڳالھ نہ هِچڪائڻ جي
اچ اورانگي سڀ آڏاٽا، مونکي جاڻ چريو آ مان چاٽا

هيءَ ڳالھ نہ پاٽيءَ واري جي، هيءَ ڳالھ نہ ڪاريءَ ڪاري جي
هيءَ ڳالھ نہ ڍڪ ۽ ڍاري جي، هيءَ ڳالھ نہ مڙس آ ڪاري جي
چو ڌرتيءَ ڪان آهيو ڏڪاٽا، مونکي جاڻ چريو آ مان چاٽا

هيءَ ڳالھ آ اڳتي آڻڻ جي، هيءَ ڳالھ آ سڏ سڃاڻڻ جي
هيءَ ڳالھ آ جاڻ چاڻڻ جي، هيءَ ڳالھ آ منزل ماڻڻ جي
متان ڙي منشي آهيو وڪاٽا مونکي جان چريو آ مان چاٽا

Gul Hayat Institute

## سڏ وراڪو

سنڌ امڙ جو سڏ وراڪو، واڪو، واڪو
ڌارين جو ڌرتيءَ ڌاڪو، واڪو، واڪو

قوم جا ڪونڌر قوم جي ڪارڻ، ڪوپا پنهنجا ڪنڌ ڪپايو
چورن سان اچ چڪريون کائو، پنهنجي پونءَ بچايو
هيڏي ساري هل هلان ۾، سوڍا پنهنجا سينا ساهيو
ڪاڪ محل جا اڏيل اڏائي، نوان ڪي نڪور ٺاهيو
سِر اڏيءَ تي آڪو آڪو، واڪو واڪو
ورو وچڻ جي ويل وچي ٿي، پر ٻه ويئي هيل وچي ٿي
مور مرن پيا، ڊيل وچي ٿي، پونءَ تي وڏندي پيل وچي ٿي
گهر گهر چڙهيو ايل وچي ٿي، جيجل ٻڌجي جيل وچي ٿي
قومن جي آزادي واري، راڻا، جاڳو ريل وچي ٿي
هنيو آ دليرن دهل تي ڌاڪو، واڪو، واڪو
سونهن سنڌوءَ جي سستي سستي، لٽجي پيئي بستي بستي
منگهي پير جا واڳيل واڳون، تن ۾ هيڏي هستي هستي
هي منهن ڪارا وردين وارا، درندن سان آهن دستي دستي
مادر لئہ ميدان ملهائڻ، آهي اوهانجو انگ الستي
منشي ٿيندو ڏوم ڌماڪو، واڪو ، واڪو

(18.3.1990)

Gul Hayat Institute

# ڪنگن جا منهن ڪارا

قمري جهيڙو جهيڙيو آهي، ڪارن ڪارن ڪانگن سان
بازن سان، شهبازن سان، ڏيهه ڏنگيندڙ نانگن سان

قمريءَ سان گڏ طوطا، تاڙا، مور، ڪبوتر، ڳيرا ڳاڙها
ٽاريءَ ٽاريءَ ڪوئل ڪوڪي، ڪونجن تان لٿا قحط ۽ ڪاڙها
ڪُنَ ڪلاچي تي ڏس ڪيڏي، ويڙهه هلي پئي واڳن سان

آکيرن مان اکيون ڪوليو، هر پکي پيو ٻوليون ٻولي
امن، امن آواز اچن پيا، وڻ وڻ مان اچ هولي هولي
مور نچن ٿا ڪارونجهر تي، ٻاڦ وريو آ ٻاڳن سان

سرخابن ۾ سونهن سوائي، مدت ڪان پوءِ موٽي آئي
نرڳين ڪنئي سر تي ساهي، هيڙي پنهنجي هُوڪ هلائي
ٽوپر اچ ٽڪرائي ويٺو، تارن سان ۽ تانگهن سان

پارهيڙين ڏَپ، رَچ ويڙهيا، پکين پنهنجا پر پکيڙيا
هنجن هر جاءِ موتي ميڙيا، ڪنگن جا منهن ڪارا ٿيئڙا
قمري باب مان ڪوڪ ٻُڌائي، منشي مڌر آوازن سان

(1990ع)

Gul Hayat Institute

## ڪارو ناٽو

ڪيڏو ڪراچي اوڳاڇيو ڏس، ڪاريءَ رات ۾ ڪارو ناٽو
ڏاڍو سستو پيٽ بڪايل، سانگيئڙن جو ست وڪاڻو

هي ناٽو، ناٽو ڪين اٿيئي پر، پورهيتن جو رت اٿيئي
هي انگ اگهاڙن انسانن تن، سانگيئڙن جو ست اٿيئي
اي سيٺ وڏيرا ڏاڙيلا تو، لوءِ لٽي لعنت اٿيئي
ياڳيا جاڳيا ٽڏي چڏيندا، ٽرٽل ۾ تو ٽم ۽ ٽاٽو

اڄ ٻہ ڪُوٺي گل ڪان ڪُونئرا، ڪيئي ٻاريا ٻار ٻَرن
اڄ ٻہ هڪڙي حب جي لاءِ، ماروئڙا ڪئين مفت مرن
اڄ ٻہ ليڪو ناهي لَڪن هٽ، لنگهڻ ڏينهڙا لنگهيو وڃن
اڄ ٻہ اڻ ڪٿ انسان اهڙا، جن جي گهر ۾ اَنَ نہ داڻو

اَجهي، اٽي لئہ اڄ ٻہ ڪيئي، وانگيئڙا ڏس واهن ۾
اڄ ٻہ نانگا نيرانا ڪئين، ٻار ٻانهياريءَ ٻانهن ۾
ڳيپي ڳيپي لئہ ڳوتاٽا ڪئين، اڄ ٻہ دربدر دانهن ۾
اڄ ٻہ هاري سنڌ سڄيءَ جو، سورن ۾ ڏس ساڻو ساڻو

اندر تن جا اهڙا جهڙا، ڳاڙها ٽاندا ڏوڏ ڏڳن
راتيون جن جون رڙندي گذرن ڏينهان جن کي ڏنگ هڻن
پِيءَ ويا پيءِ ويا پورهيتن جو، رهزن سارو رت رڳن
گنهگهر گهارين روز گهمي پيو، گهر گهر ۾ تن گهاٽو گهاٽو

چورن چوڏهن طعام تيار ۾ پاڳين چڙهيو ڪين ڪُنو
ڪتي پُڳن جا پاچوڙا ڪنهن، پيٽ نہ ڀريو اڌ مُنو
ڪير ڦڙي لئہ ڪنهن جو ٻچڙو، رات سڄي تي رت رنو
رت پياڪو، رهزن هٿ ڙي، سڏجي سڀ ڪو سيٺ سياڻو

منشي هڪ ڏينهن مارو اٿندا پوري مونکي آهي پڪ
ڏينهن ڏهاڙا آهن ڏکيا جهانگيئڙن تي جهولا جَهڪ
ٽڙ ٽڙ هي ماڙيون ڪِرنديون ، لال لتوڙي ايندا لَڪ
آس انهيءَ ۾ قيد ڪٽيان پيو چاڻ هي آگم آگ اجهاڻو

1977ع
ڪراچي جيل

Gul Hayat Institute

## عارفاڻو ڪلام

پردي ۾ لڪيل پيارا، هي پُور پتڻ وارا
ويهي تہ وڃايا ڪيئن، جي ڏينهن ڪتڻ وارا

جيسين سهپ سنڌن ۾ هئي، تيسين ارٽ نہ ارويو تو
سُٽ پنهنجو نہ سامهيءَ ۾ وجهي ڪڍهن نہ توريو تو
پَريان ٿي پيا پڌرا، تو وارا اڇا ڪارا

ساگر جا جيڪي سائُو، مڙهہ پنهنجا ويا تاري
مڙهہ ٻوڙي ڪيئي هليا، گنگهر جيان گهڙيون گهاري
وهندي ٿي رهي وَرهان، ڌرتيءَ تي اها ڌارا

ڪري مالهہ ڪي مالها تون، پنهنجي ارٽ کي اورين ها
چت چاهہ جي چاهت سان، چرخي کي تون چوين ها
پر تو نہ ڇڏيا دل تي، ڇمندئي ڇمائي ڇارا

غرقور غفلت ۾ گدلاڻ گلي پائي
محبت جي ڪنڌي منشيءَ ڪري ٻاجهہ هُو ٻاجهائِي
وڃندا پيا ويراڳين جا، اُتي نينهن پريا نظارا

(28.8.2001

Gul Hayat Institute

# مولوي احمد ملاح جي عقيدت ۾

شاعرن جو شهنشاه آهي مولوي احمد ملاح
شاه کان پوءِ سنڌ کي مليو مسيحا واه واه

هر صنف هيرن سان جڙيل، هر بند موتين سان مڙهيل
هر بيت بلبل باتڙيون، ڄڻ رُت بسنت جون راتڙيون
هر مصرع، مصريءَ جون ڳڙهيون، جنهن پي پڙهيون جيءَ سان جڙيون
هجي بيت يا توڙي غزل ، ڄڻ پرت سان چولا چٽيل
پاتا ملاح تون مُردن اندر، لفظن جي جادو ساڻ ساه

جڏهن گيت تنهنجا ڳائجن، شاعر پيا شرمائجن
ڳوليم وچي عرب و عجم، تجنيس تي توتي ختم
سِٽ سِٽ آ سوغات ڄڻ، بَر ۾ ٻٽيل باغات ڄڻ
مالهائون موتين جون چوان، يا جوتيون جوتن چوان
ڪافيہ رديف ۽ بحر جو، بيشڪ آهين تون بادشاه

تو قوم تي احسان ڪيو، قرآن کي آسان ڪيو
پنهنجي ٻا ٻولي ۾ پڙهن، دم دم دعائون ٿا ڏين
منظوم جو رکيو تو نظام، دنيا سڄي ۾ تنهنجو نام
پيو تا قيامت ڳائبو، ور ور ڏيئي ورجائبو
تو ساڻ حامي هر گهڙي، آهي الله آهي الله

تو ذات جا ڏاتر ڏني، تنهن مان ڪٿان منشي پِني
ٿاهيا ويهي ڪي شعرڙا، البتہ اڌورا ميرڙا
توتان ڪيئن مان پيرو پيان، ڪجھ ڏي اجان ڪجھ ڏي اجان
سڀ راهرو ويندا رهيا، آءٌ پيو نهاريان تنهنجي راه

20.02.2001

Gul Hayat Institute

## نور جو لاٽون

اکر اکر کي اکيون ڏيئي، تو جي بيت بنايا
نابينن لئہ نُور جون لاٽون، جهر جهنگ جهرمر لايا

وينجهر ويهي جيئن ونڊ ونڊي، موتين جون مالهائون
سِٽ سٽ تنهنجي اهڙي ۽ لاڏي لهي جيئن لائون
نظم، غزل ۾ پري چڏيون تو، سانوڻ هير هوائون
سنڌ سڄيءَ کي سڳنڌ ڪري وئي، ملاح تنهنجي مايا

پاپاڻن کي پولي ۾ تو، ڪامل سڀ قرآن ڏنو
سولي منهنجي سمجهاڻي ۾، مارن کي تو مان ڏنو
ڪيڏي فهم فضيلت سان تو، فائق هي فرقان ڏنو
علم، عقل ۽ فهم، فڪر سان، سيئي سخن سمجهايا

ڪامل ڪافيہ، رديف تنهنجا، بيشڪ سهڻا بحر وزن
هر هڪ مصرع مصري ڳڙيون ۽ ماکي کان وڌ ميٺ منجهن
چڻ ڪي پوتيل تسبيح داڻا، داڻو، داڻو دُرِ يمن
ورق ورق کي ورکا ڏيئي، ت ڪٽڻهار ڪڙايا

علم ادب جي ملاح مڪڙي سينگاري تو آندي سِير
دريا توکي داد ڏنو تو ويرون واري چڏيون وير
ڳايو ڳايو ڳاهون تنهنجون، پرچارون ڪن پير فقير
جهالڪ جهاپا جهانءِ جهنجهيري، لفظن ۾ تو لايا

سپن پيٽان موتي ميڙي، بند بند ۾ تو بند ڪيا

Gul Hayat Institute

ڪارا ٻاڙا ٻول مٺائي گوهر تو گلقند ڪيا
جوت ڏنا جي جملا تو سي، پيار ڏيئي پيوند ڪيا
ٻاڙوڏي جيان ٻوڙ ڪري ٿي اکر تو وٽ آيا

سچل ، سامي، شاهه يٽائي، اڃا آهي چون اياز
هر ڪنهن پنهنجو پاڻ سان آهي، بغل منجهه بياڙُ
تنهنجون پنهنجون سونيون سنگهرون تنهنجا پنهنجا سوز ۽ ساز
هر ڪو منشي خيال جو مالڪ، هر ڪنهن پنهنجي روح جا رايا

2.2.1998

Gul Hayat Institute

# مرحوم نجم ميمڻ جي ياد ۾

وڏي وڻ ٿيو مس مس تہ وڏجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

ڦٽُو وڻ دڙي ۾ املتاس هو
جنهن خوشبوءِ مان هر ڪنهن وتو واس هو
اُڇاين پانديئڙن وڏي آس هو
گهڻو وقت ڪان اڳ ۾ ونجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

جُهميل ساڻ جُهوڙن جنهن جون ٽاريون
پکين جون پڪارون جنهن تي پياريون
جنهن جي ڇانوَ ڪچهريون قرب واريون
ڪري ياد، دل ٿئي ڦٽي ڦاريون
اجل جي هٿان پاڙان پٽجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

اڇي جُنگ جواني هئا ڪيڏيا انگور
سونهن سَت رنگا گل پيو لامن ۾ پُور
ويهڻ سان وڻ هيٺ سڀ ڪجھ سُرور
جنهن جو درد دل ڪان ٿئي دم نہ دُور
وڏي واءُ ۾ وڻ سو ونجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

اهو وڻ نشامبر هو نِج نجم
جنهن جا ڏار پکڙيل هئا پورب پَڇم
سنڌو لئہ سٺا جنهن سدا سِر ستم

Gul Hayat Institute

مٿيءَ ماءُ سان گڏ هُو  گڏجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

لاڪيٽو سڄي لاڙ جو چٽ ڇڳُير
سندس وار سونا، پوڇڻ جهڙا پير
سدا مُرڪ مُنهن تي نہ ڪو من ۾ مير
ڪُنڊيو نڪ ڪماني ڪري پيٽ ڪير
سفر ڪنهن وڏي ڏانهن سڌجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

ٻئي چشم چشمي ۾ چشما ٻہ چڻ
ڪٽي نيڻ ڪجڪي ڪِڙي چڻ ڪنوڻ
ڏسي نيڻ نجم پيا حيرت هرڻ
هلڻ چڻ حقيقي هو مورن ٽِلڻ
سڄي ڪير ڪان پاڻ ڪسجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

ڏسي ٻت بيهڪ ٿيا صنوبر لڄي
ٻتيھہ ڏند موتين جي مالا سڄي
جي ڳالهائي چڻ جلترنگ ويا وڄي
جڏهن چپ ڪلڻ سان ويا ٿي ڪڄي
ڪڪر جيئن تارن تان تڙجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

سُخن ۾ سچو هي سنڌوءَ جو پچو
سدا سڌ سانگين کي اچوڙي اچو
آزاديءَ لئہ پڙ ۾ پتنگ ٿي پچو
سڄي سنڌ سنگهر ۾ بچايو بچو
نہ هڪ منٿ مارن ڪان مٽجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

Gul Hayat Institute

هوڪا حق هميشہ هُو هٺندو رهيو
سوين سِر تي سختيون هُو سهندو رهيو
سدائين سچي راهہ رڙهندو رهيو
۽ وانگين جي ويرين سان وڙهندو رهيو
اجل باز جي هٿ هُو جهٽجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

ارادي ۾ پختو جبل جيئن اڏول
نہ ڪو ساهہ سانگو نہ هينئڙي ڪو هول
سو پاري ئي پاري ڪيئين جيڪو قول
نہ ٻوليو زبان مان ٻيائي جو ٻول
اڏورن ارادن ۾ رهجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

نجمہ ري اُهي ڏينهن راتيون ڪٿي
دڙي ۾ برهہ جون سي باتيون ڪٿي
لاڪيٽي، لاڪيٽون سي لاتيون ڪٿي
ڳُٽن پريون ڳالهيون ڪهاڻيون ڪٿي
ڏسي موت هر دل دهلجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

اڙي موت توتي اچي موت شال
ڪيمياگر هي ڪُونڌر ڪُٺئي ڪهڙا ڪالهہ
جيئڻ جيءَ جَلين جو جِنين ري جنجال
هٽي پيئي ڌرتي ڌَڪن تي ڌمال
منشي من مٽئي جيئڻ مڙهجي ويو
۽ ڪوئل جي ڪُو ڪُو ڪان ڪٽجي ويو

20.01.1981

Gul Hayat Institute

## شيرِ سنڌ مير رسول بخش ٽالپر جي عقيدت ۾

مير تہ مرندا ڇمندا رهندا، پر مارن جو ويو مير مري
ڳٽتين ڳاريل ڳوتاٽن لئہ، ڏاڍي ٿي پئي ڳالهہ ڳري

مرد مٿير تو موت نہ هو ڇڻ، ويڙهيچن تان وِڇ ڪري
واءُ اٽائو وانگين وريو، بي مُندائتي مُند ڦري
سنڌ سڄيءَ جي سورن ساڙيل ، سانگين لئہ هتي توتي سِري
ٻاٻاڻن جو ٻيلي هئين اڄ، ٻاٻاڻن لئہ ٻُنيا ٻري . . .!!

هر هڪ حاڪم ، جابر سان تو، جنگ ڪئي ۽ جيل ڪٽيا
وقف حياتي ، خلق جي خدمت، وانگين لئہ تو وِرهہ وٽيا
سي شل سلڙا سيرا مورن، تو جي ٻنين ٻج ڇٽيا
پونءَ جي پٽڪيل پاڳين لئہ تو، ڳاٽي ڇائي ڳري پري .. !!

تنهنجي عظمت، تنهنجي شفقت، تنهنجو مذهب، ماڻهو محبت
شيرِ سنڌ جو شرف آ توکي، مليو واقع حق حقيقت
داد ڏنو ٿي دشمن توکي، ڏسندي تنهنجي همت جرئت
ڪين جهڪايو ڪنڌ ڪڏهن تو ، ظالم اڳيان ذات ذري . .!!

وريا وڇوڙا، گهوڙا، گهوڙا ڇورا ٿي وئي ڇانگ سڄي
لوئيارن جي لوءِ پيئي لٿجي، ٿي نسوري نانگ سڄي
هَئي هَئي ، گهوڙا هنج هليا ويا، ڪانگ ڦِڙي ويا ڦانگ سڄي
ڏيهہ ڏسان ٿو ٿو ڏوٿيئڙن جو، ڏک ۾ پئي ٿو ڏيل ڏري . .!!

جنهن بہ سُوراتي سڏيو توکي، تنهن ڏنو تو سڏ سان سڏ
ٻيڙين ٻاڏارا، ٽانگن وارا، گدلا، گرڙا توسان گڏ

ڪاڙهن ڪاڙهيا، سماج ساڙيا، توسان گڏ سي هيٺا هڏ
اُتي ۽ ويٺي اون انهن جي، چڙ تي تنهنجي ڪيپ ڪري . ..!!

منشي موت نہ ماري سگهيو، اهڙا مانجهي مرد مٿير
هِتي هُتي هُو آهن حياتي، پردي پويان آهن پير
موت ڪائي خود مات پچي ويو، هُو تہ سٺاوا ڪن پيا سير
مگر وچوڙو وجود اسانجي، وڏي ڏيئي ويو ڇيي ڇري . ..!!

Gul Hayat Institute

## شهيد فيض محمد ٽالپر جي عقيدت ۾

تنهنجي رت جو واس وٽن مان، اڄان اڃي پيو، ايندو رهندو
ايندو رهندو، ايندو رهندو، تاقيامت ايندو رهندو

تو جبل سان هُئي جنگ ڪئي، تو ڌرتي ريٽي رنگ ڪئي
تو ديس جي دوکيبازن لئه، هئي ساري ترائي تنگ ڪئي
اهڙو اڄ آواز گهٽن مان، اڄان اڃي پيو ايندو رهندو . . !!

ڪُونج ڪڙي هئي، ديل ڊڙي هئي، دانهن تي تنهنجي دل دڙي هئي
تو تنهن سڏ سان سڏ ڏنو هو، گولين سان ٻه ڳڏ ڏنو هو
سوئي پڙاڏو وٽن ۽ ٽٽن مان، اڄان اڃي پيو، ايندو رهندو . .!!

فيض محمد، فيض نڪيري، پونءِ پلايئہ پنهنجي پيري
توکي گهايئون گهيري، تون پڻ بيٺين نيهن نبيري
ترندو ڪاسو تنهنجو مٽن مان، اڄان اڃي پيو، ايندو رهندو . .!!

جو چنگ چپن سان چوري وئين، ۽ پرندڙ وٽ کي سوري وئين
سو پڙڪي منشي پنيٺ تي پيو، جنهن تان سِر تون گهوري وئين
هر دل واسو ڪيچ ڪٽن مان، اڄان اڃي پيو، ايندو رهندو .!!

15.2.1981

Gul Hayat Institute

## شهيد فيض محمد ٽالپر جي ياد ۾

نرالو پيو نقشو هِئين منجهه هُري
اهو وقت ساعت پيو سيني سرُي

سِڻاءُ هُئي تہ ڪيئن سرزمين ٿئي سُکي
گهريو رت جڏهن هن ڇُڪي با بُکي
ڏنو فيض محمد سا ڏسندي بُکي
اُٿي سَو ايري پيا سُورج مکي
اجان رت سندو ريج سنڌوءَ گهري .. !!

صدين کان ڏيڻ رت سنڌي ريت آ
ڏنو رت جنهن قوم تنهن جيت آ
دنيا جي اهو هر گلي گيت آ
اها ريت ئي قوم سان پريت آ
نہ ڦُربو وٺي جو ڦہايل ڦڙي . .!!

شهادت جو شربت پيئن رُوح پاڪ
مچائي مجاهد ويا ڌرتيءَ تي ڌاڪ
آٽين سِر اڏيءَ تي پره جا پياڪ
مليو فيض کان فيض ئي منجهہ فراق
گهري سِر تو ٻيجهل پيو چنگ ڇُري . . !!

جسم جان ڇيرن تي ڇڏيا ڇني
نہ ورتئون حياتي پلڪ هڪ پِني
ڏنئون رَت جنهن تي سا پيٽي پِني
سُتي سُورهيائي هئي ڏاهن ڏني
تنين جي تراڙي ڪو ترندو تري . .!!

وري اڄ وطن تي نئون واءُ وريو
اي وارث وطن جا اٿي ڪجهہ ڪريو

Gul Hayat Institute

سُوئر ٽا وڃن سنڌ سيڙها چريو
اٿو سِر سنياپو ڪريو ٽا پريو
لاهيو ڪَٽ قلب تان ڪاهوڙي ڪُري . . !!

هتي هر قدم تي بلا ئي بلا
ڏٽين تي هتي ڏارين جا ڪلا
سَري سانگين هاءِ گهوڙا الا
هتي هر قدم ڪربلا، ڪربلا
سوين فيض محمد تي سنڌوءَ گهري . . !!

گهڻا موت ماريا هي ويو موت ماري
فڪر فيض محمد ويو سوڍن سيڪاري
نہ تاريخ هي موت "منشي" ميساري
چوان پيو سيني کي پوڪاري پوڪاري
ڪٽي آٽي ڪنهبو رکيو آ ڇُري . . !!

16.2.1980ع

Gul Hayat Institute

# باب ٻيو

# فاضل جو فراق

Gul Hayat Institute

# بيت

ڪوجهن ڪرلاھو، ڪوندر فاضل قوم جا
هميشہ هيٺن جو، آهو هو لاهو
ڏينهان ڏينهن ڏاڍ تي، ڏمريو ٿي ڏاهو
قومي وڳ ڪاهو، ڏٺان ڇڇي ڏار ٿيو

راهو تنهنجا رنگ، مون ڏٺا، مون ڇاڻ
توريءَ وانگين ويڙهه ۾، وِلها ٿيا وٿاڻ
ٽوڙيندي ٽُٽي وئين، منجهان ڏوٿين ڏاڻ
اڳيان جابر آڻ ، ڪُوندر مجيئي ڪانہ ڪا

راهو تنهنجا رنگ، مون ڏٺا مون خبرون
چُرندو رهندو چئني ڏِسيين، تنهنجو چوريل چنگ
لاٿا تو لتون هٽي، ويڙهيچن تان ونگ
جاني تنهنجي جنگ، جاري رهندي جڳ ۾

فاضل جي فراق ۾ ، دانهہ ڪئي درياھ
ڏرتيءَ ڏونس مچائيو، گنجي ۾ گجگاھ
رُنو رني ڪوٽ ۾، پيلن ۾ هئي باھ
اُپري نڪتي آھ ، مڪلي موهن دڙي منجهان

ڪوندر توريءَ ڪير پيو، وٺندو هارين حق
وانگيئڙن تان ويا وري، هڪ جهولا پيا جَهڪ
تو پچاڙا تيز ٿي، تاڪاڻُن جي ٽَڪ
جُوڻ وٺي جاجڪ، اچ تہ اڳيرا ٿيون . . !!

راها تنهنجو روح، وڙهندو رهندو ويريين
جيسين تائين جوءِ تي، ساجهر ٿئي نہ صبوح
جيئڻ رڻ ۾ پاڙيءَ کوھ، تيئن تون اجاين آسرو

## وائي

رُني سنڌ سڄي زارو زار ووياڻ
فاضل جي تہ فراق ۾

بي مهلاتو موت کسي ويو
ڏُولهہ پُٽ دلدار وو يار
فاضل جي تہ فراق ۾ . . !!

ڏارين لئہ هُو ڏرتيءَ تي هو
ڪُنڊيو منجهہ ڪپار وو يار
فاضل جي تہ فراق ۾ . . !!

نگر شهر ۽ جهوپيءِ چونئري
عام پئي اوچنگار وو يار
فاضل جي تہ فراق ۾ . . !!

ويرين سان هُو وِير وڙهيو تي
وڪ وڪ تي سؤوار وو يار
فاضل جي تہ فراق ۾ . . !!

ڏاهو راهو ڏاڍ جي ڏيهہ ۾
هيڻن سان همواڻ وو يار
فاضل جي تہ فراق ۾ . . !!

Gul Hayat Institute

منشي فاضل فرض نڀائيو
مانجهي مٽيادار وو يار
فاضل جي تہ فراق ۾ . . !!

## بيت

سنڌوءَ سينڌ راهو   رات پري  ويو
پل نہ هڪ پاسي ٿيو، ڪنا ڏوٿين ڏُور
ماڻهن ۾ مذڪور، تہ راهو رُج ڪري ويو

راهو  وڏي  رک،  سدا  سانگيئڙن  جي
ڏاڙيلا   ڌرتيءَ تي،  لٽا   اچي  لک
پر،  اڳيان فاضل اک،    پر   نہ  پٽي سگهيا

آيو  المناڪ،   واقعو ويڙهيچن    تان
جهانگيئڙن  جهوري وڌو،     فاضل جي فراق
ڪيڏو منجهند ٿاڪ،    ڪاڙهو رهيو قوم ۾

فاضل ۾قيرو،    ڪڏهن آيو ڪين ڪي
لاڪيٽي لالچ تي،  من نہ   ڪيو ميرو
نينهن نبيرو،    سُورهہ ڪيو   سنڌ سان

جڏهن بہ  ڏکيا ڏينهن، ڪڙڪي آيا قوم تي
مانجهي آيو ميدان ۾،   شونڪو   هٽي شينهن
نازڪ راهوءَ نينهن،  ثابت رکيو سنڌ سان

وڏا راهوءَ وڙ،   ڪيا پنهنجي قوم تي
بيٺو هُو  بند ڪيو، درندن  جي  دڙ
هن  تہ  جابر  جڙ  ٿي پٽڻ چاهي پٽ مان

وَڌو وَڌو ويڙهہ ۾،   فاضل جو  فرمان
سانڍي رکجان ساهہ سان،  ڌرتيءَ جو ڌيان
متان غير گمان،   آڻيو آزادي  ۾ . !!

سنيها   ساري سنڌ کي،   راهو مُڪا رات

Gul Hayat Institute

سر ڏيئي سوغات، امڙ کي آجي  ڪريو

راهو رنگ ڪيا، ڪيڏا پنهنجي قوم لئه
جهر جهنگ جهاڳي جهريون، آيو اڻ ميا
درندن ديا،  ڪُوندر ڪڌهن ڪانه ڪئي

ڪينجهر، ڪاورنجهر ٻئي، راهوءَ رُنا رت
ڪوٽ ڏيجي ڪَر ڪٽي، پرکي ڏني پت
آچيا انگ اُڇت، پاونگ  فاضل پِڙ ۾

سنڌوءَ سونهن سُسي وئي، فاضل وڏي وَٿ
ڪِرشن مُنهن تي بانسري، راهو هٿ ۾ رَت
سڳر سات ۽ سٿ، راهو رات رُلائي  ويو

راهو تنهنجو رنگ، ڪونه ڇاڻي ڪو ٻيو
تو تہ سنڌوءَ تان گهوريا، نياڻيون ۽ ننگ
جيلن سان تو جنگ، وڙهندي ورهن ڪان ڪئي

راهو رُڄ ڪري وئين، راڄ روئاري رات
تنهنجي ٽڪر ٽوڙيا، ڪيڏا لات منات
سنڌوءَ کي سوغات، ڪوندر ڪند ڏيئي وئين . ..!!

راها گهڻا راڄ ۾، هي راڄن جو راهو
اصل اباڻن جو، آهو ڪر لاهو
ڏونگر هي ڏاهو، ڪيڏا ڪَتي آئيو . . ..!!

راها تنهنجو روپ، پرڪندين پڌرو
جهڙو اندر اُجڙو تهڙو ڏرتيءَ ڏوپ
ٻيائي ٻهروپ، فاضل ٻئي فنا ڪيا . ..!!

فاضل جي فراق ، متيون مُنجهائي ڇڏيون

Gul Hayat Institute

ڏرتيءَ تي اڄ ڏاريان، ڪيڏا خوش ڪذاق
هاڻو هيبتناڪ، دهشت راهو دهليا

مصري ماڪيءَ ڪان مٺو، يار جو هو يار
فاضل ڦوندڻ نہ سڪيو، ڏرتيءَ جو ڏوپار
سنڌڙيءَ جو سينگار، راهو رات رمڳيو
راهو هو راڪو، اصل اباڻن جو
بانڪو، بي ساڪو، ڪڏهن نہ ٿيو قوم ۾

فاضل سپ ڦٽا ڪيا، قومي ڪم ري ڪم
وڙهندو رهيو ويرين سان، جيسين دم ۾ دم
ڪنيا هن ڪڙيا ڪري، غريبن جا غم
ويچا ۽ وهم، راهو رکيا ڪين ڪي

راهوءَ لئہ روئي ۾ ڪديا پار پنوهاريين
ڪولهي پيل شڪاريين، ڪونہ بچيو ڪوئي
ڏرتيءَ ڪي ڏوئي، راهو ويو رَت سان

راهوُ جي رغبت، ماريل ماروئڙن سان
ڏارين لئہ ڏرتيءَ سان، ساڳي ڳنيئر ڳت
هئو حقيقت ۾ اباڻن آتت
سورهہ فاضل سٿ، ڏسان ٿو ڏيهہ ۾..!!

Gul Hayat Institute

راهوُ جو رهيون، ڳالهيون ڳوٺاڻن ۾
اڻ مِٽ امر رهنديون، ڪونڌر جي ڪيون
اهي اڻ ميَون ۾ وسارڻ ڪان وڏيون

## نظم

راهو تنهنجا رنگ نرالا، جُڳ جُڳ جيئدين جُنگ جوالا
مارن جي  تون من جي مالا،  دشمن لئہ تون برڇيون ڀالا

راهو توريءَ رُج ڏسان ٿو، ماريل مارُو مُج ڏسان ٿو
ڏاڍي تنهنجي اڄ ڏسان ٿو،  سکر بکر سُڄ ڏسان ٿو
تون ماڻهو، راڻو، داڻو هئين، تون جهانگيئڙن لئہ جُهڙ جا جهالا
راهو تنهنجا رنگ نرالا . . !!

تو سَٽ پچائي سورن جي،  تو مدد ڪئي مجبورن جي
هي ڌرتي ڪانيل ڪورن جي،   دولاپ، دغا دستورن جي
تو ڌوتا ڌڪ ڌنارن جا ، پر اڃان بہ ڪجھ هئا آلا آلا
راهو تنهنجا رنگ نرالا . . !!

راهو رهندا راڄ ڏسي وئين، ڪيڏا تن جا ڪاڄ ڏسي وئين
ڀاڙين، مڙسن ڀاڄ ڏسي وئين ، ڪي ڪي ڌرتيءَ ڏاڄ ڏسي وئين
نينهن نڀايو ڌرتيءَ سان، جن پيئندي زهر جا پُر پيالا
راهو تنهنجا رنگ نرالا  . . !!

وردين جو  تون ويري هُئين، ۽ پنوهارن  لئہ  پيري هُئين
تون ڌارين  جا جي ٽم ۽ ٽاٽا ڪانِ انهن لئہ  ڪيري هئين
توکي سنڌ جا سارين ويٺا ڪولهي، ڀيل، شڪاري ۽ ٻالا
راهو تنهنجا رنگ نرالا . . !!

چام ڪٽايو نوريءَ چارو،  راڻي تي ڪيو مومل مارو
سُور سنڌڙيَ جو سر تي سارو، ڪلي ڪنيو تو ڏيئي ڏارو
منشي من ماروئڙن لئہ،  تون هئين چڻ موتين مالا
راهو تنهنجا رنگ نرالا . . !!

## وائي

راهُو هو راڄن ڪاڻ الا
چِپن چمن چانورو

سُورهه سانگين لاءِ رکيو هو
سر سدا سانڊاڻ الا
چِپن چمن چانورو .. !!

سِيئن ساڙيل ڪاڙهن ڪاڙهيل
ڀاڳيئڙن جو ڀاڻ الا
چِپن چمن چانورو .. !!

ڪارو ويس آڪاش ڪيو
روئي ڏنو مهراڻ الا
چِپن چمن چانورو .. !!

سوين سپهه سالار ڏٺا سون
اهڙو ڪٿي اڳواڻ الا
چِپن چمن چانورو .. !!

هر ماڻهوءَ ۾ مٽيا منشي
هي ته هو هيرن کاڻ الا
چِپن چمن چانورو .. !!

Gul Hayat Institute

# بيت

اُميدون انبار، مارو ڪٽي من ۾
ٻُڌندڙ ڪي ٻڌائيون ٿي، سورن سماءَ چار
ماندو سدا مدد لئه، پنهنجي پهچ اَهار
بانڪي ڪنيا بار، سانگين سوراتن جا . ..!!

جن جو ڪوئي ڪونه، انهن تنهنجو آسرو
انهن جي تو اندر ۾، اٿيئي پهر اون
انهيءَ عمل چو نہ، هند، سنڌ هاڪ تو . !!

مرد تنهنجون مجلسون، ناهن وسارڻ وس
جيئن ڪو ابر اچين تي، وسي ڪري وس
راحت هر ڪنهن روح لئه، تو رهاڻيون رس
اهڙا ماڻهو مس، صدين آهن سرجندا . !!

ڏٺيون ساري ڏيهہ، مڙسيون تو مٿير جون
سلهاڙيل ساه سانگين سين، جيئن روپي ڪي ريهہ
چنڻ ڪرڻ چيهہ، مُور نہ تو منهن تي . ..!!

فاضل ٿي فرهاد، ٽڪر ٽورڻ آئيو
دليري ۽ دانائي ۾، ٿي دشمن ڏنو داد
فڪر ۽ فرياد، سدا تو سانگيين . ..!!

Gul Hayat Institute

دودي ڏنو داد، راهو تنهنجي رت ڪي
فاضل زنده باد، سنڌ چٽي پئي سورما . . !!

راهو تنهنجي رت ۾، مينديءَ جي مهڪ
ڪيڏا هي ڪٽڪ، لٿا تنهنجي لوءِ تي . ..!!

رعيت راهوءَ کي ڏتو، ڇَڙي ۽ ڇنڊي
وِره ويڙهيچن جا، ورتا هن ونڊي
ماڏين منڊ منڊي، ڪُتو ڪونڌر قوم جو . !!

Gul Hayat Institute

## ڪافي

وساريان نہ وسرن، راهوءَ جون رهاڻيون
جنهن سنڌ جي سڌ تي، گهوريا پُٽ نياڻيون

ونهين ويڙهيچن سان، ورهن ڪان وراڪو
رهيو هو راهوءَ جو، تہ ڏارين تي ڏاڪو
مانجهيءَ جي مرڻ جو، هو وڻ وڻ ۾ واڪو
لکي چا لکان مان، تنهن ڪونڌر ڪهاڻيون . !!

وڙهيو تي ويرين سان، هي بانڪو بهادر
هيڻن هارين لئہ، هڪل ساڻ حاضر
جبل جيئن جوڌو، بيٺو هو برابر
اهڙو جوان جاني، ڪٿان هاڻ آڻيون. !!

مُهاڏن، مُهاڏا، مُڙيو ڪين مانجهي
پٽڻ هو پنوهارن ، وڏو ونجهہ وانجهي
نہ پيڙي پاپاڻن ، لاڪيٽي ڪئي لانجهي
مٽيري، مرڪايون ملاحن مياڻيون . !!

وانگيئڙن جو وارو، وڏو وڙ وڙاتو
سماجي ستايل، تنين نينهن ناتو
پڪي پهہ پنوهارن ، سان جنهن پيچ پاتو
روئن رت راهوءَ لئہ هاري ۽ هارياڻيون . !!

ڪڍيو ڪنڌ نہ ڪُونڌر، پسي جيل جايون
مٽيري مٽي تي، وانگين لئہ وَسايون
سچا سانگين سان، جنهن جا سڱ، سگايون
اچو گڏجي منشي، سندس تند تاڻيون . !!

پَٽ پنجابي پاڻ ڪٽي ويا، پورهيو سڀ پٺاڻ ڪٽي ويا
کهڙي ڏِس کان قاتل آيا، سوني ڪراچي ڪاڻ ڪٽي ويا
لانگ بوٽن جي لانگ لڳي پئي، پاڳين جا سڀ پاڻ ڪٽي ويا
واهن ۾ پئي واري اڏامي، ڪنهن ڪرڻ ويساهه ڪپي

ڪير لٽيرا ڪير هٽ لوٽا، کهڙا سچا کهڙا کوٽا
هڪ رسي ۾ جوٽيل جوٽا، نيئپر جا سڀ پوٽيون پوٽا
ڪن جون رهڙون ڪن جا رونٽا، ڪن جا ٽونشا ڪن جا سونٽا
منشي ماٺ گهٽيئي ماريا، وانگين ٻي ڪا واهه ڪپي

Gul Hayat Institute

هن پنهنجي حياتي ڪري ڪڙي، هر جابر سان هئي جنگ لڙي
هر ڪنهن وقت تي ڪليل هن وٽ، ماروئڙن جي لاءِ مڙهي
اڄ سو راڻو راڄ ۾ ناهي، چڻ ويئي ساري ڪاڪ ڪڙهي
هن سانگين سٽ سيباڻو هو، ۽ پنوهارن لئہ پاڻو هو

هُو چَنن چورن چَٽ هيو ، ۽ پاڻ ئي پنهنجو مٽ هيو
هو سنڌ سڄي ڪي ناز مٽس، هر ڏک ۾ هر ڪنهن وٽ هيو
هو آسوندن جي آس سدا، ۽ سانگيئڙن سان سَٽ هيو
هو ٿاڪ ٿڪين لئہ ٿاڻو هو، ڪڏهن الجهي ڪين اجهاڻو هو

هُو خوش سدائين خدمت ۾ ، ڪو هن جو مٽ نہ همت ۾
هو بانڪو شير بهادر بيشڪ، ڪو جهڙس ناهي جرئت ۾
منشي هن جو مٽ نہ ٿيندو، ڪو شان و شوڪت شفقت ۾
هر هر هڪ ساهہ سِيباڻو هو، اڄ لوٽو يار لڏاڻو هو

Gul Hayat Institute

**<u>وائي</u>**

ٻهڳڻ تنهنجا ٻول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

جُڳ جُڳ هوندين جيئرو
ڏاتي ڏِٽ جا ڏول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

ادا ڪير ڪري سگهندو
راهُو وارو رول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

جهانگين لئہ جهيڙا ڪندي
تو نہ جهلي جهول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

جن پاءُ گهريو ٿي پيار جو
تو ڏنا ڀري ڏول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

ڪِلي مِلئين ڪيڪار سان
هر ڪنهن لٿا هول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

چاماٽيون چٽي ويون
اهڙا پٽ اڏول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

منشي لِکن ڪين ڪي
ڪڏهن ڪوڙا قول
ٻارن منجهه ٻُرن پيا

**وائي**

ڀاڳيو ڀونءِ ڀلوڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو

ڀوھ جي ڀاري ڀنوھارن لئہ
سُورھ هو ڇڻ سوڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو ..!!

ڇيلھ ٻڌي اٿيو چورن تي ڪري
گنئر جيئن گجگوڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو ..!!

امبر آھ ڪري ڇيو ائين
جھڙس ڪونھي جوڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو ..!!

ڀاڀاڻن تي ڀوڏ وري ائين ڇڻ
ڀڳي بند اروڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو ..!!

سِري، وچولي، لاڙ لٿا ڇڻ
ڪوپا ڪنڌ ڪروڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو ..!!

ڏيھ سڄي تان ڏاڍ ٽرڻ لئہ
جوڌي جي جاکوڙ
ڪونڌر فاضل ڪالھ ڪُسي ويو ..!!



Gul Hayat Institute

مِٽيءَ سان هُو مٽي پنهنجي
ويو نيائي توڙ
ڪونڌر فاضل ڪالهه ڪُسي ويو ..!!

هِت هُت منشي سونهندا رهندا
مانجهي منهن تي موڙ
ڪونڌر فاضل ڪالهه ڪُسي ويو ..!!

Gul Hayat Institute

## وائي

هيڏي ساري هاڪ
راهو تنهنجي راڄ سڄي ۾

اندر تنهنجو اجرو اهڙو
جهڙو ٻالڪ پاڪ
راهو تنهنجي راڄ سڄي ۾.. !!

ڌرتيءَ جي دل ڌڏڪو ڪاڙو
عرش رُنو افلاڪ
راهو تنهنجي راڄ سڄي ۾.. !

دردوندن لئہ ديس پنهنجي ۾
هُئين ٽڪن لئہ ٽاڪ
راهو تنهنجي راڄ سڄي ۾.. !!

هارين، مزدورن تان منشي
تو پڇاڙا ماڪ
راهو تنهنجي راڄ سڄي ۾.. !!

Gul Hayat Institute

**وائي**

ٻاٻيهي جا ٻول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

محبت جرئت خلق جي خدمت
ٿيئي هن جا ٿول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

موتي چڻ مهراڻ ڪٽي ويو
آهي پاسان پيئي اول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

سانگيئڙن جي ساهه سان سبيل
عاشق هو انمول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

پيرون پٽ پيا، جو ته ڇڇي پئي
جهيڻن جهانگين جهول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

ڪڏهن رنگ رتول ۾ رڱيل
ڪڏهن مست الول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

هن جي ڪاتي ڏاٽ نه گهوڙي
ڪاتا ٻيا ٻي ڪول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

منشي ماڻهن ميڙ ۾ هوندي
چڻ رڻ ۾ آهيان رول
ڪير وساري سگهندو سنڌ ۾

Gul Hayat Institute

## وائي

وانگين سان واڳيو، الا
راهي پنهنجو روح ازل کان

ڏڻ کان ڏڳ پل ڏار نہ ٽيئڙو
پونءَ سچو پاڳيو
راهي پنهنجو روح ازل کان

ڏوتين ڏک ۾ اک نہ جهپڪي
جوڙو سدا جاڳيو
راهي پنهنجو روح ازل کان

قومي ڪم ۾ ڪسر ڪراڙو
دودو نہ ڪڏهن داڳيو
راهي پنهنجو روح ازل کان

راهوءَ تان ڪئين ريلون لنگهيون
سورهه سدا ساڳيو
راهي پنهنجو روح ازل کان

منشي موت مٿير مارن کان
چنبي ۾ چاڳيو
راهي پنهنجو روح ازل کان

Gul Hayat Institute

# بيت

ڪولهي، ڀيل ڪاوڙيا، ڏاڍو متي ڏاڍ
فاضل ساڻ فراد، ڪهاڙي ڪيڏو ڪيو . !!

ڪار مُنهان اي ڪاريا، ڪيئن رجايئي رُڪ
سِڌو تئين نہ سِراڻ ڏي، ڇيلھ پونئي ڇُڪ
لوءِ سچي تان لُڪ وَسائي ويهي رهين . ..!!

راهو رتو ڇاڻ، وهنجي ويس وجود
سنڌوءَ ڪي سجود، ڪندي ويو قرب مان ..!!

راهو سچي راڄ جو، روُحان هو راڪو
ڦلاٽي لاڪو، سر ڏيئي ويو سنڌ تان ..!!

ويڙهيچن واڪو ڪري، رُنو رڳو رت
آهي ڪنهن ۾ سَت، جو وڙهي ويڙهيچن لئہ

فاضل تي فرهاد، ٽَڪر ٽوڙڻ آئيو
سَين هنيائين سنڌ جي، اُوچي ڪنڌ آزاد
وچي پئي وير جي، نگري نگري ناد
فاضل جو فولاد، عزم اباڻن سان . !!

راهو تنهنجو رت ، ڌرتيءَ کي ڌوئي ويو
پوري تون پاري وئين، پنوهارن سان پت
تنهنجي طريقت، ماڻهن کي موهي وئي . !!

ڪلي چپر ڪٽ، راڻي راهوءَ کي چيو
هلي آ تون هيج مان، سُوره پُٽ سمٽ
جنهن تو ڄائو ماءُ آ، تنهن تي سونو ڇٽ

Gul Hayat Institute

گهوڙا، ههڙا گهڻ، پُٽ جڻيندين پدمڻيون .!!

فاضل جي فراق، متيون مون منجهائيون
چارئي پهر چِت ۾، چُريو چُرن چاڪ
ڏرتيءَ مٿي ڏاڪ راهو تو رهندي سدا .!!

راهوءَ ، جون رهنديون، ساروٽيون سرير ۾
سِڪون نہ تنهنجون، سورما، لوڪ ڏٺي لهنديون
وِرهہ ۾ وهنديون، اکيون امڙ سنڌ جون .!!

Gul Hayat Institute

# دوها

راتِ ويو ٽي رڻ ڏي راهي، جهاڳي جهاڳي جهاڳ الا
ڏيهہ سڄي کي ڏنپ اچي ويو، ديسوندن دل داڳ الا

ڪوٽ ڏجي جي قلعہ وانگر، بيٺو رهيو ببر شينهن
ڌرتيءَ جي هت ڌاڙيلن سان، وڙهندو رهيو راتو ڏينهن

گهاٽي جنگ گهڙڻ لاءِ، وانگين جي هڪ ئي واٽ هئي
راهو تنهنجي راهہ روشن، ٻي اونداهي ٻاٽ هئي

ماڻهو روز مرن ٿا منشي، پريا تريا پاڻ چڙهي
هن جون فقط ڳڻ ڳوٺ ۾ ڳالهيون، هيرن جي ويو ڪاڻ چڙهيي

Gul Hayat Institute

# نظم

راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو، دنيا ۾ هُو دنگ ڪري ويو
هر جابر سان هُو جنگ ڪري ويو، راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو

مانجهي هو مهراڻ سڄي ۾، چئين ڏسيين چوٽان چوٽ
گهر گهر ۾ هو گُهوگُهو واڇو، گهوڙا ، گهوڙا، ههڙو گهوٽ
سنڌ امڙ جو سڏ پيو ڪَن تي، ايندو اُري هو اٽموٽ
ڏکين، بکين، ماريل ماڻهن، هي تہ هميشہ ايرن اوٽ
جتي مٿيرن مارڪون ملنديون، سؤ اُتي انگ ڪريو ويو
راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو . . !

هر جابر لئہ هو جوکو هو، ۽ ابليس لئہ اوکو هو
هٿان هڃارن موت انهيءَ جو، ديس سڄي سان دوکو هو
هو چندن ول جيان چوکو هو، ۽ سانگيئڙن لئہ سوکو هو
ٻج ٻاجهارو، نينهن جي ناڙي، پيار پريو هو پوکو هو
سنڌ ٻنيءَ کي ريج ڏيئي رت جو، سونا سونا سنگ ڪري ويو
راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو . . !

هن بسنت رُت جي برکا ڏسندي، پير پريندي پاتو هو
آزادي جي اک ڏسڻ لئہ، اندر هن جو آتو هو
هر سڏ سنڌوءَ سان حاضر ناضر، ڪليل هن جو ڪاتو هو
هن پيچ کو پختو پاتو هو، ۽ نينهن پريو تنهن ناتو هو
هو ڏاڍ ڏمر ڏهڪاءُ کي ڏاري، جيئڻ جبر جو تنگ ڪري ويو
راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو . . !

ڇانوٽين ۾ ڇرڪ پيا تي، راهوءَ نالي ڪيڏو راز
تنهنجو نالو هو ڇڻ ڀالو، دشمن ديس مٿان شهباز
سنڌ وطن جي سانگي هر هڪ، نندي وڏي جو تنهن تي ناز

Gul Hayat Institute

ڇُرندا رهندا پُرندا رهندا، سُرندا رهندا، تنهنجا ساز
آگم، آگم ويس وسڻ جا، اُپ ۾ ڪئين آڙنگ ڪري ويو
راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو . . !

هو آجائيءَ لئہ آيو هو، ۽ سنڌوءَ جو سرمايو هو
هن قوم جو ڪيڏو بار ڳرو ڏس، پنهنجي سِر تي چايو هو
هن ڏينهن تتي ۾ ڏونگر ڏوري، ڏک ڪان بُت بہ بچايو هو
هن قوم جي ڪارڻ قيد ڪٽيا منجهہ جيلن پاڻ جلايو هو
پرڪا پرڪيءَ جي هن پڙ ۾ پوريون ڏس پاونگ ڪري ويو
راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو . . !

هن نارا هٽي جڳ جاڳ ڏني، ۽ عمر سڄي اها آڳ ڏني
هن ديس وندن کي دڳ ڏسي، هئي ويڙهيچن کي واڳ ڏني
هن هاڻن هٿ مان ڪسي دسي، ميهارن کي ماڳ ڏني
سنڌ سڄيءَ ۾ فاضل، منشي، سانگين لئہ سارنگ ڪري ويو
راهو ڪيڏا رنگ ڪري ويو . . !

25.2.1988

Gul Hayat Institute

## غزل

راهُو جو رُوح پيو پُوڪاري، هتي جي هيٺن هارين کي
پُختائي پيغام مُڪائين، نِڏر نماڻين نارين کي

حق حقيقي هڪ هڪ پنهنجو چوران چُڪائي وٺو آ
ڇيهان ڇيهه ٻہ ڇڏڻو ناهي، ڌرتيءَ تي هن ڌارين کي

روچ ۾ راڙو ٻڌندو پاڙو، ڪر نہ اگهاڙو پاڻ کي پنهنجو
الڙي اپڙي اسري نِبري، ڇَٽ ڪري ڇڏ چارين کي

وڻ وڻ کي پيو واءُ ٻڌائي، تيز تکا طوفان اچن پيا
پاڙون قوم جون پُختيون آهن، جهونڪا ايندا ٿارين کي

اڄ سياڻي سنڌ سياڻي، وَهنجي اُڻندي رت ۾ راڻي
پرکا مُنشي پوندي پاڻهي، ڏيهہ ڏٽي ۾ ڏوهارين کي

28.01.1988

Gul Hayat Institute

# باب ٽيون

# اوائلي عشقيہ شاعري

Gul Hayat Institute

# راز

ڳالهائڻ تو ڳُڙ جون ڳڙيون سوين ڇُريا ڇڻ ساز ڪئين
سانديي رکيا سيني ۾ مون راڻل تنهنجا راز ڪئين

عرض ڪريان تو اڳيان تنهنجي آزي يار نيازي
پيار پنهنجي جي پارت پيارا دنيا دوکيبازي
جهرڪيءَ وانگر جَهتي نہ وجنئي هتي هلن پيا باز ڪئين

نندڍي لاڪُر نينهن تنهنجي جون نس نس ۾ آهن نائُون
تو بِن پيارا ائين پچان ڇڻ ٽاندن تي آ، آئُون
ساري حياتي سِر تي ڪٽندس نازڪ تنهنجا ناز ڪئين

اجرڪ اوڍين ائين لڳين تي ڇڻ ڪنهن ڪاڪ جي مُومل
نيڻ نشيلا ناحق ڪيڏا واڻ ويندن ڪي ڪن قتل
سوين تہ تو سوڳها ڪيا شاهہ گدا، شهباز ڪئين

ڪينجهر ۾ ڇڻ ڪنول لڳين تي، نازءِ انداز ڪري
راءِ ريجهائين رمزن ۾ نُوريءَ وارا نياز ڪري
منشيءَ جو من موهي مَنديوہ ڪري قريبا ڪاز ڪئين

(1999ع)

Gul Hayat Institute

# دل وڃائي ويٺاسون

عشق اڏورو، پورُو سُورو، اسان بار برهه سِر ڏَرياسون
ناحق نازڪ نينهن  اڙائي، دل وڃائي ويٺاسون

دل ڏنيسون، ڪجھه نہ مليوسون، ڏک ڏٺاسون ڏاڍا
قلب مٿان ڪٽي ڪات ڪهاڙا، جيئن ور ڏيو وڍين واڍا
دردن اچي ديرو ڄمايو، اسان شوق شباب ڇڏياسون

سودو ڪيم سمجهي سهانگو، پيو تن جو مُلھه مهانگو
اديون البتہ عشق اڙانگو، نينهن  برابر نانگو
تار تڪي ڪي سمجهي تانگهو، جيرا جوش جلاياسون

جتي باھ ٻري، اها جاءِ جلي، قدر ٻئي ڪي ڪهڙو
سُور اسانجي جي سُڌ اسانکي، پيو پائڻي مون جهڙو
رُوح ڏٿوسين رِيجھه ڪرڻ لئہ، ٻيٺا ڦقڙ ڦٽاياسون

منشي من جو محرم ايندو، روئڻ مان ڪجھه ڪين ڪي ٿيندو
سدا خزان جو دؤر نہ هلندو، ڪڏهن تہ بهار بہ ڪلندو
آئي عجيب جي عيدون ايندين، گڏجي گهر گهر گهمنداسون

(1949ع)

Gul Hayat Institute

## اچڻ وارا هئا جاني

الائي ڇو نہ اڄ آيا، اچڻ وارا هئا جاني
اسان جي روح کي راحت، ڏيڻ وارا هئا جاني

اندر منهنجو عجيبن لئہ اداسي آ ٿيو عاجز
سدا غمگين جا سڀ غم، ڪٽڻ وارا هئا جاني

وساريان ٿو ٿتا وسرن ، وسارڻ خود ويو وسري
فنا ٿيو حال فرقت ۾، پسڻ وارا هئا جاني

اچڻ وارن جا اڄ دل تان، ويهان ڪيئن آسرا لاهي
اچي منهنجي اڱڻ تي اڄ، ٽِڪڻ وارا هئا جاني

متان منشي ڪرين ماتم، اچڻ وارا اجهي ايندا
ڏيئي گوڏي سان گڏ گوڏو، ويهڻ وارا هئا جاني

10.10.1958ع

Gul Hayat Institute

## منڊ ۾ ڪر

اي مٺا محبوب مون سان، مڪر وارو مَنڊ ۾ ڪر
ڏيل ٺيو ڏک ۾ آ ٻرو، ڏوهه ڏسي تون ڏنڊ ۾ ڪر

حال اڄ هيٺو ڏسي تون، هٿ ۾ ڪڻ هاءِ حبيب
چيڙ چاڙن سان چڪي تون، چاڻ چيڙو چنڊ ۾ ڪر

لوهه لڪئي جا لنگهي، لالڻ ويندا لحظي اندر
وِرهه جي واپار ڪي وچ، واٽ تي تون وَنڊ ۾ ڪر

مون سِڪي سالن ڪنا تو، ساهه سان سانديل سڄڻ
ڪو زمانو قرب وارو، اڄ ڪنڌا ۾ ڪنڊ ۾ ڪر

محب ڇڏ منشي سان ماڻا، اي مٺا ماهِ لقا
روح مان ڪڍ رنج راڻا ، راز ۾ ڪو رَنڊ ۾ ڪر

11.11.1956ع

Gul Hayat Institute

# کھڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو

قريبا قرب وارن ڪي ڪُھڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو
دوناليون دل مٿي دلبر چِٽڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو

نہ ڪر مهجور سان ماٽا، سوين دل سور ساماٽا
رُسڻ جي ريت ڇڏ راٽا، رُسڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو

جدا جاني رهڻ مان ڇا ڏٺو تو آ سڄڻ سائين
پياسيءَ ڪان پري پيارا، رهڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو

گھڙيءَ ۾ گھور سان گھائي، ڪري دلڙي ديواني وئين
انهيءَ دل تي تہ خنجر جي، وَهڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو

مٺا منشي ڪي مارڻ مان، جي ماڙي ڪا ملي توکي
تہ هڻ تلوار تون بيشڪ، الارڻ مان ڪين ڪجھ ٿيندو

15.10.1958

Gul Hayat Institute

## هونهاري پي طرح

آئون نهاريان ٿي نماڻو، هُو نهاري ڀي طرح
آئون اچڻ جو ڏيان اشارو، هو اشاري ٻي طرح

شوخ نظرون، شرم شيڪو ۽ ٿتو شدت چڏي
آئون ڪري پريم پوڪاريان، هو پوڪاري ٻي طرح

عشق ۾ البيلو ٿي، اڻ پڇيو تنهن ڏي وجان
آءُ اُچاريان عشق خبرون، هو اُچاري پي طرح

روبرو سهڻو صنم، سامهون جڏهن ايندو اٿم
آءُ ڪريان ڪوشش بيهڻ جي، هو بيهاري ٻي طرح

دل ته منهنجي دام ۾ ۽ خيال هن جو خام ۾
ڪيو مرڻ منظور منشي پر هو ماري ٻي طرح

25.11.1967

Gul Hayat Institute

## ٽيو آنو اٿر ڪونهي

ڪُتل دل جو قريبن وٽ، اجان ٽيو ڪجھ قدر ڪونهي
ملڻ ٽيندو نہ ٽيندو سو، خدا ڄاڻي خبر ڪونهي

سوين صدمان سچڻ خاطر، سٺا مون سُور سيني ۾
عجيبن جي اجا دل ۾، ٽيو آنو اٿر ڪونهي

رقيبن سان رهاڻين ۾، رهي رلمل روزانو ٽو
اسان لئہ آسري وارو، عجيبن وٽ اکر ڪونهي

مُڏي ڪاتيءَ سان پيو ماري، نہ ڄاڻي قياس مان قاتل
نجيبن جو نماڻن تي، نرم هڪ ڏينهن نظر ڪونهي

مٺا منشي جي محبت جو، مزو هيڪر تون ماڻي ڏس
پيا مجنا ڪُٽيءَ وارا، پيئڻ وارو زهر ڪونهي

10.06.1958

Gul Hayat Institute

## جل جاڳائيندڙ چا ٿيو

اي متا محبوب مونکان، منهن لڪائي چا ٿيئي
سڪ اندر سهڻا سڄڻ، سينون سڪايئي چا ٿيئي

منهن مقابل جي مٿين، محبوب منهنجي پَر ڪنا
مون ڪئي ڪوشش بيهڻ جي، وک وڌايئي چا ٿيئي

آءُ نهاريان ٿي نماڻو، تون نهارين چو نٿو
جي وري واپس ٿيس، پٺ تي نهاريئي چا ٿيئي

پالپڻ ڪان ٻنگ توسان، اڄ ڇني ڇاڪان ڇڏيئي
جان تي جيئري جدائي، جل جاڳائي چا ٿيئي

محب منشي ساڻ ماڻا، ڪر نہ راڻا ، ڇڏ رُسڻ
وصل جا وعدا ڪري، دل تان وساريئي چا ٿيئي

12.11.1949

Gul Hayat Institute

## ويو دونهڙا دکائي

دکي دل تي دلبر ويو دونهڙا دکائي
ڏيئي پيار پهرين ويو جيءَ جلائي

ڪئي مون رحم جي ڪي درخواست دلبر
پڙهي هي پروڙي ڪهل ڪو مٿم ڪر
مگر تنهن نہ مڃيو ويو منهن ڦيرائي

سُتل سک ۾ سنسار مون لاءِ ماتم
برھ باھ ٻاري اڱي ائين نہ ڇاتم
هنر هو تہ پنهنجا نوان نت هلائي

صبا وچ سڄڻ کي سڄي سُڌ سڻائي
ڇڏيو جت اوهان اُت ڏيو ور واجهائي
ويٺا ڇو اوهين اِت ٻيلا سي ٻُلائي

مٺا منشي محبت ۾ ماندو مدامي
قبولي ڪڏهن ڪان جنهن اهنجي غلامي
ايڏو ظلم هاڻي نہ ظالم جڳائي

(13.9.1954ع)

Gul Hayat Institute

# سانوڻ سيارا

پائي پيچ وصل جا پيارا
لنگهي سِڪ ۾ ويا سانوڻ پيارا

اچ جلدي جيءَ جا جاني، ڪر محب مٺا مهرباني
آهي دنيا فاني، لاهي دل تان غم غبارا

سهڻا تنهنجي در جو ساقي، ٿيو مجهب ملاقاتي
آهيان خاڪ جو پتلو خاڪي، ور جلدي جيءَ جيارا

تڪيان راهون ڪڏهن تون ايندين، اچي گولو ساڻ گڏيندين
مٺا محرم من جو ٿيندين، ڏيئي درد دوا ديدارا

مٺا منشي ملڻ لئہ ماندو، جنهن کي عشق اري ۾ آندو
ناهي پل تہ وِرهه ڪان واندو، ڏي قلب اچي قرارا

17.06.1957

Gul Hayat Institute

## لقاءُ آهي لڪڻ تنهنجو

اچڻ منهنجو وڃڻ تنهنجو، مرڻ منهنجو ، وڃڻ تنهنجو
ستمگر ٿي ستم ڪر تون، پيو سهندس سڄڻ تنهنجو

ڪري ڏس ڏيان تون دل ۾، ڪٿان ڪاهي اچان تو در
بجاءِ ديدار جي دلبر، لقاءُ آهي لِڪڻ تنهنجو

جلايم جان ۽ جيرا، پيا ڦقرن اندر ڦيرا
ڏسي هر هر هلڻ تنهنجو، گهمڻ تنهنجو ڦِرڻ تنهنجو

دوناليون ديد جون ڇوڙي، ڇڏيئي جيرا جگر ٽوڙي
نہ وڃ تون مُنهن موڙي، مٿا گهرجي ملڻ تنهنجو

تنهنجي جلوي ڪيا جاني، لکين منشي فنا فاني
ڦريا جت ڪُسڻ منهنجو، جيبا اُت هَسڻ تنهنجو

28.11.1949

Gul Hayat Institute

## قابو ڪيو تو ڪيس ۾

دل ٻري تو دلربا، آيس جڏهن تو ديس ۾
قرب جو پائي ڪمند، قابو ڪيو تو ڪيس ۾

تون آهين شيشن ڏٺي، شنوائي تنهنجي مان پريان
پر وڪالت وارو ناهي، آهيان ابتر ويس ۾

رشوتي پئسو وٺي ويو، پاسو رقيبن جو ڪري
ڇا ڪريان شاهد ڏيئي ويا، شاهديون ٻئي ٻيس ۾

جج ۽ جُوري جاچ ڪيائون، ڪيس ٿيو ثابت سچو
ڪيئون قلم جي ڪاروائي، ريس مان تن ريس ۾

واهه ڪورٽ ڪاروائي، حُسن وارن جي هتي
ڪئين ڏنم زندان "منشي" قسم ساڳئي قيس ۾

21.7.1949

Gul Hayat Institute

# قدر ڪهڙو ڪهڙو

مُحبت جو تو ڪي قدر ڪهڙو ڪهڙو
تنهنجي دل پٿر تي اثر ڪهڙو ڪهڙو

رقيبن سان رلمل رهين هر گهڙي تون
قريبن تي تنهنجو ڪڪر ڪهڙو ڪهڙو

نوازيا تو نرمل ڪيئي نيش نيهي
نرم تو نڏر تي نظر ڪهڙو ڪهڙو

آيا اهل دل ڪئين تنهنجي عشق آتڻ
بچي تو ڪان سگهندو بشر ڪهڙو ڪهڙو

لٽيا ڪاروان تو اميدن جا ڪيڏا
اڃا وڌ انهيءَ کان حشر ڪهڙو ڪهڙو

مري مست منشي محبت ۾ تو لئہ
سواءِ تنهنجي سهڻا صدر ڪهڙو ڪهڙو

19.9.1958

Gul Hayat Institute

## فسانو بند ٿيو

جنهن خزان جو خاتمو ڪيو، سو خزانو بند ٿيو
جنهن بهاني هو جياپو، سو بهانو بند ٿيو

جن هنڌن تي هنجهه هئا اُت ڪُوڪ اڄ ڪانگن ٻُڌان
جو نشانو نازور جو، سو نشانو بند ٿيو

آستانن تي اڄڻ ڪان اڄ رقيبن روڪ ڪئي
بي بها گوهر اهو بس تي بيگانو بند ٿيو

دلربا دلدار ڪي اڄ پڻ اڪيون ساريو سڪن
جنهن زماني گڏ رهياسون سو زمانو بند ٿيو

دور ٿيو دلبر اڪين ڪان دانهه ڪهڙي در ڏيان
جنهن فڪر منشي ڪي موهيو سو فسانو بند ٿيو

7.12.1959

Gul Hayat Institute

# اهو ميزان مونکي ڪر

محبت ميمر ۾ مولا، اهڙو مستان مونکي ڪر
هزارين لک دفعا هن کان، اجان حيران مونکي ڪر

جدائي تي جدائي ڏي، جلي هي جسم مون جنهن کان
اجان وڌ آءِ و زاري جو، عطا ارمان مونکي ڪر

ڪري تلوار سان تجلا، جتي ڪن راند مون رانجهن
مُهابي مير مُرسل جي، اهو ميدان مونکي ڪر

حبيبن کي پوي حاجت، جتي صدقي يا اضحيٰ جي
اُتي قادر ڪسڻ جي ڪم، لئه قربان مونکي ڪر

ڪٽي جت نازور نيزا، چٽين نشان نازن جا
چوي منشي منهنجا مالڪ، اهو ميزان مونکي ڪر

22.12.1962
دڙو

Gul Hayat Institute

## رمزون رنداني

محبت ميم جي من مان، تَڪو هڪڙو ٽُٽي ناهي
ونگي وارن جي وچ ۾ جا، سا چرڪن سان ڇُٽي ناهي

ڪوهن تي ڪوهه وڃن ڪنجيو، ڪرڻ جي سي سواءِ ڪنهن جي
اِهي سپ سڪ سنديون سوچون، ڪُٽيل اڳيان ڪُٽي ناهي

ڀهانن جا بندر ٺاهي، ٻڏان جهوڙا جهازن کي
اهي رمزون رنداني سپ، ڪا ماني گهر ڪٽي ناهي

نہ ڪو هاري، زميندار، نہ ڪو آهيان ڪو واپاري
صرف دلدار دلداري، ڪا ڀاڄهر ڪا ڦٽي ناهي

مقاطعفدار ٿيو منشي، مرڻ تائين تہ محبن جو
اهڙي ڪا رات ڪانهي ڪا، پره جنهن ۾ ڦُٽي ناهي

22.12.1962

Gul Hayat Institute

# بستري داخل

بستري داخل ڏٺم بيمار جنهن بيمار ڪيو
مون دنيا جي رنگ تي ڳولي سو پنهنجو يار ڪيو

بي سبب بلبل نهاري باز ڪي آ هٽ ڪيو
دير تي دمسات جي طعام مون تيار ڪيو

ديد جون چوڙي دوناليون صاف سيني تي سٽئين
ناز جو نشان پهريون جيڪو جگر مان پار ڪيو

شوق اهڙي مان سدائين ڪن شهزادا ٿا شڪار
جت ڪُٺو سو اُت چٽو ري تبر تلوار ڪيو

مست منشي تو سواءِ پيا ويا ڪُسي اُت ڪئين ڪروڙ
ڪنهن نہ ڪنبدي ات چپن مان چُسڪ ۽ چوڪار ڪيو

12.5.1960

Gul Hayat Institute

# انار ڪان آهي لذيذ

رُوءِ روشن يار جو گلزار ڪان آهي لذيذ
هو چنبيلي، موتئي اَنار ڪان آهي لذيذ

چا گلابي گل هجي گونتو ڪٺي گرنار جو
سونهن ۾ سوسن سندي سينگار ڪان آهي لذيذ

گلبدن جي گفتگو ۾ چا مٺو آهي مجاز
چپ چُريا بس ڪونج جي ڪڙڪار ڪان آهي لذيذ

بت بلوري برق بجلي ڪي نہ طاقت سان عجيب
جا بجاءِ جنت سندي جنسار ڪان آهي لذيذ

دوست جي ديدار ڪيا دانا ديوانا لک هزار
دنگ دنيا ۾ ڏٺم هر بار ڪان آهي لذيذ

ماڻ ڪر منشي ثنا ڪاتب ڪندي قاصر ٿيا
هڪ پدم پرينَ سندو سنسار ڪان آهي لذيذ

2.5.1960
اولڊ گنج بحر

Gul Hayat Institute

## محبت لذيذ

لڳي يار سهڻي جي صحبت لذيذ
مٺي آهي ماکيءَ کان محبت لذيذ

نہ مصري، مٺائي نہ ميوو، انگور
لبن جي لڳي ٿي لطافت لذيذ

شَڪر شير، شربت کان شيرين اندر
عجيبن جي آهي تہ عادت لذيذ

سوين لک سهڻا پيا سينگار ڪن
حبيبن جي غربت ۾ حالت لذيذ

مدامي محبن ساڻ منشي هجي
تہ جنت کان وڌ روح کي راحت لذيذ

2.9.1960
گنج بحر

Gul Hayat Institute

## وعدووفاجو

ڏاڍو لذيذ آهي ، غم يار دلربا جو
محبوب دل جي دلبر، دلدار دل صفا جو

جيئن جيئن جدائي صدمان، تيئن تيئن مزو مدامي
جيءَ ۾ جشن تو سمجهان، جاني سندي جفا جو

تصوير تنهن سڄڻ جي، اوڏي سدا اکين کي
ٻيو دور آهي دل کان، دولاپ سڀ دنيا جو

مون ساڻ عشق منهنجو ، قادر ڪيو جي قائم
پرواھ ڪا بہ ناهي، وعدو مليو وفا جو

منشي مزو محبت، ماڻيو جو آهي مخفي
بيشڪ شهد، شڪر کان، وڌ آ قسم خدا جو

7.1.1962
گولاڙچي چڪ نمبر 2

Gul Hayat Institute

## وصل وارو ورائي ڏس

اسان سان پرت جو پختو، پيارا پيچ پائي ڏس
سڙيل دل سان سچڻ سهڻا، سينو پنهنجو تون ساهي ڏس

جدا توکان جيئڻ جاني، آهي جنجال هن جيءَ کي
وڇوڙي جون ڇڏي واٽون، وصل وارو ورائي ڏس

قريبا ڪر قدر ڪو تون، ڪُٺل دل تي ڪري ڪيهون
برھ جي باھ پئي پڙڪي، اچي ان کي اُجهائي ڏس

هلي دلبر تو آيس در، ڇڏي چاڪان وئين تون گهر
ظلم ايڏو ڇڏي ظالم، اسان سان لئون لڳائي ڏس

مٺا محبوب منشي کي، تو ماٺن سان ڇڏيو ماري
سوين لک سُور ٿيا سامهان، پَٽي تن مان ورهائي ڏس

11.4.1961
نودو پارڻ

Gul Hayat Institute

## ڪُهندو وڃي

ڏس قدم ڪهڙي طرح هُو خار مان ڪٽندو وڃي
تير چشمن جا ڇِتي، هينئڙي اندر هٽندو وڃي

قياس مان ڪجهه ڪين ڇاٽي، رحم جو ناهي رواج
ڪان سو قاتل ڪٽي، قابل ته ڪيئن ڪُهندو وڃي

ناز جا نيزا وٺس ۽ پيا پرُون ڀالا ڪٽي
جيئن اچي مارڻ لئه مون ڏي، تيئن وري وٽندو وڃي

حال دل جو مون حبيبن، جي اڳيان جو پيش ڪيو
سو سچو بيڪار ويو، ڪئين سنگدل سٽندو وڃي

مست منشي ساڻ مولا، هڪ دفعو مرڪي ملاءِ
جنهن جدائي منجهه جاني، سوز دل سڙندو وڃي

13.4.1961
نودو ٻارڻ

Gul Hayat Institute

## خاص خاص

خوبصورت خواب ۾، خبرون ٻڌايون خاص خاص
سي سلڻ جهڙيون نہ جيءَ سهڻي سٽايون خاص خاص

ڇپ ڇپن تي چار ٽيا، ڇُڻ ڀُڻ ڇڳي ڇوري ڇپن
سي مِٽيون ماڪيءَ ڪنا، ٽيون وات وايو خاص خاص

حرف هر هڪ هو حبيبن، جو مثل مرجان جي
محب موتين تي ڏنيون، ور ڏيئي واڏايون خاص خاص

راڳ هليو رات ساري، روپ رنگين رمز ۾
جام ميڙيا جام جاني، مئي مٽايون خاص خاص

مست منشي ڪي ڪري خود، مست تي موتيو پرين
ڪيون قربين قرب واريون، ڪارايون خاص خاص

20.2.1962

Gul Hayat Institute

## خط خطن تي

خط لکيا مون خط خطن تي، خط نہ لکيو يار خط
هي بہ تن سان گڏ لکان ٿو، روئي زارو زار خط

راز دل جو روبرو جيڪر ٿتا ڏيو جاز وَر
هن برہ بيمار کي لاچار لک هڪوار خط

جي اوهانکي وقت واندائي نہ آهي ايترو
مهرباني سان لکو بس ڪي اکر ٽي چار خط

جو جدائي ۾ جَلي جيئري جنازو ٿي ويو
تنهن سڪايل کي لکو سڪرات ۾ سرڪار خط

چا لکان ليکو لکڻ کان آ لنبو لاشڪ گهڻو
سوز جي ساڙيل کي سهڻا صرف ڏيو سڏ سار خط

مِڙ مدايون مُحب مون ڏي ڪر مٺا مونکي معاف
پاڻ تون پنهنجو سچائي لک پرين هن پار خط

تنهنجي محبت جو قسم هي خون دل جو اڄ ڪڍي
ترت تنهنجي لاءِ مون تازو ڪيو تيار خط

تو ڪيا بيمار خود بيمار هڪ بيمار ڪئين
پوءِ برہ جي بيمار کي بيمار لک بيمار خط

جا دکايل دل ڪري ٿي دانهون تنهنجي درد ۾
تنهن تہ دلبر دل ڏُکيءَ کي دوست لک دلدار خط

Gul Hayat Institute

حال ٿيا هيٺا هجر ۾ ڪل نہ آندي ڪنهن وري
ڪنهن ڪبوتر ڪانگ يا قاصد نہ آندو ڪار خط

جيئن ولر ڪان ڪونج وڇڙي ۽ روئي ريهون ڪري
تيئن روئان مان رات ڏينهن تو من ملي منٿار خط

ماٺ ڪر منشي تون مخفي مام رک من ۾ مُدام
اڄ صُباح ايندا سگها سڄڻ ليڪا پنج چار خط

28.2.1962
رمضان المبارڪ – مولچند ٻيلو

Gul Hayat Institute

## دوست در ايندا اجهي

دل نہ ڪر دردن ڪان دانهون، دوست در ايندا اجهي
پيا وڇوڙا جي ورهن جا، سي وري ويندا اجهي

ڪالهہ آندو ڪان قريبن، ڪانگ ڪاغذ قرب جو
ٽاڪ تر ٽاٽا ڪندا، تورا تڪين ٽيندا اجهي

اڄ عجيبن جي اچڻ لئہ، آئون اجاريان ٿو اگڻ
ڏيهہ ڏِس ڏسيون تہ ڏوريِ، ڏيڍ ڏکي ڏيندا اجهي

جنهن جي ڪارڻ مون جلايا، جيءَ جگر جيرا جسم
سي نماڻي کي نوازيِ، نازور نيندا اجهي

محب جي، مهمان ايندا، تن لئہ منشي ماس ڪور
خوبصورت کِل خوشيءَ مان، ڪاڄ سي ڪيندا اجهي

30.01.1962

Gul Hayat Institute

## مفت مان ويندس مري

دل دکيءَ کي دلربا ڏي، ڪو دلاسو دلبري
تنهنجي محبت ۾ مٺا نہ تہ، مفت مان ويندس مري

عشق تنهنجي ۾ عجيبا، آگ اڌمي ٿي اندر
ڏيو ڏکايل کي دوا، ديدار جي کولي دري

پاڻ غرضو ٿي پرين، پاسو نہ ڪر پينار ڪان
ور چڙي واٽن مٿان، ويجها اچو واپس وري

ناز جي نيزن سنديون، نوڪون هڻي ڪيئي ناتوان
چهڪ چشمن جا ڏيئي، چيري ڪئي تو دل چري

محب من ماٺا چڙي، منشي سان ڪر ڪا مهتري
روچ جون راهون چڙائي، ڪر رُلين سان رهبري

11.8.1962
هيرڻ جاگير

Gul Hayat Institute

# چمن دل جو ٿيو چِڪ چِڪ

صنم سهڻا سندم سائين، ستائي تنهنجي سِڪ سِڪ
پري پيرا پرين پيارا، پياريو پرت پِڪ پِڪ

نماڻن نينهن وارن کي، نوازيو نازور هيڪر
چلڻ چارا چُڪي ويئڙا، چمن دل جو ٿيو چِڪ چِڪ

ڪشالا ڪئين ڪري دلبر، اچان ديدار ڪئہ تو در
ڪري لائق لڳائي لئون، ليئا پائي نہ لِڪ لِڪ

سڙي ڪامي ٿيو آ سوز ۾، سينو سڄو سَل سَل سَل
عجيبا عرض اونايو، تون آخر ۾ هي هڪ هڪ

مُدت ڪان تو ڪيو مجبور آ منشي کي محبت ۾
اچي تنهن جي اڱڻ هيڪر، ڪنهن ٿَل سان تون نہ ٽِڪ ٽِڪ

1.1.1962
گولارچي چڪ نمبر 2

Gul Hayat Institute

# داغ دل تي ٿيا نوان

تنهنجي محبت ۾ مٿا اڄ، داغ دل تي ٿيا نوان
اڄ اچڻ جي مهل آهي ، ٿو وڃي هي ڪاروان

بي سبب بيمار آهيءَ، تو بنايو پاڻ کي
هت دوا تو لئہ رکي آ، چاه ڏاڍي مان چوان

هت خميرا خوب خاڪا، پيا مرڻئي معجون مفت
سڪ اندر تنهنجي سڄڻ ٿيا، سور سيني تي سنوان

شعر لکندي شوق تنهنجي، منجهہ شاعر ٿي ويس
ناز جا نيزا هڻيءَ، نازڪ نہ ڪر تون ناتوان

مون مُتل منشي متي ڪر قرب وارا ڪجهہ قياس
آب اکين مان آ جاري، اَشڪباري آ روان

15.12.1961
ٽندو محمد خان

Gul Hayat Institute

## لابارا لهي ويا

لڙيو ڪونہ لالڻ لابارا لهي ويا
وجهي ٻنگ ٻيا اڄ ڀاري ٻئي ويا

ڪري ڪيترين ڪوششون ۽ ڪشالا
هٽي هٿ ڪئي مون جا موتين جي مالا
سمجهدار سمجهي ڏنيسون سنيالا
نشا پي رکيا تن نمونا نرالا
کهڻ لاءِ اسان جي ڪٽي ڪات پالا
تڪائن تلن تي تڳن سان ٿهي ويا

اڃا بخت مس مس هو بيدار ٿيئڙو
تہ هوشيار هڪدم هو اغيار ٿيئڙو
جنهن کي يار سمجهيم سو بيزار ٿيئڙو
جنهن جي پرھ ۾ بت بيڪار ٿيئڙو
دکي دل ڪان دلبر ڏکي ڏار ٿيئڙو
وٺي هو ستمگر سڄڻ ڪان صحي ويا

ڏُريائين جي ڏاريان رهن ڪيئن سي رت
ٿهي ڪيئن تڳن ساڻ پائيوارو پت
مڙيئي ٽي ويا موڳا منجهي وين مت
ڪٽي ڪارپت سي ڪري ويا ڪپت
سمورو اسانجي هو سيني جو ست
ڪري هٿ هميشہ لئہ قاتل ڪُهي ويا

Gul Hayat Institute

ڪٽيم ڪاڻ جنهن جي عمر انتظاري
سوين سُور صدمان بره بيقراري
ڪرم سان قريبن گهڙي وصل واري
تہ آيا اتي اوچتو  چار چاري
ڪري هُل ڇيائون  هماري تمهاري
ارادا  اسان جا اڌورا رهي ويا

نہ مَرُ موت ڪان مُور منشي مدامي
ڪَٽي ٿي قريبن سان ڪر تون ڪلامي
ڪندين تيستائين تون غيرن غلامي
سهي سور سختيون ٿي سهڻن سلامي
گروڙي جا گفتا ۽ ڪر يا جامي
يتائي ۽ بيڪس هو چاچا ڇئي ويا

12.10.1962
بزم مشاعره دڙو

Gul Hayat Institute

## واپار جو ڪيو مون

واپار جو ڪيو مون، سو دل کان دور ڪونهي
گهاٽي يا فائدي ۾، ڪنهن جو ضرور ڪونهي

جاءِ چڱي مون جوڙي، ڪولي ڇڏيم تجوري
بازار جي ٽي وئي موڙي، تنهن جو ته سُور ڪونهي

اوڌر ڪيم الاهي، پئيسو رکيم نه پائي
سڀ ويا وچان سا ڪائي، حاڪم حضور ڪونهي

پنهنجا ڪنهن سانگ سانگي، آيا اتي اورانگي
سمجهيا مون پاڻ وانگي، پر اکين ۾ نور ڪونهي

واپار مُٽ جيئن وارِي ، سا ڪانه مون سنياري
پنهنجن کي مون سيڪاري، سمجهيم قصور ڪونهي

جا ڪمپني بنايم، آڌو ڦري سا آيم
هڪ ڏينهن نمي نهاريم، آسڻ مزور ڪونهي

ايڪهٺ سال ٽيو پورو، منشي ڪيم مشورو
ويو فائدو سمورو، مرڳوئي مُور ڪونهي

12.1.1962
حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

## ڪراچي جو نظارو

ڦيريم نظر، پيئي خبر، ساري صدر، آ بي قدر
پتلي ڪمر، هٽندي ٽڪر، هوندو مگر، سارو مڪر

ٽيڊي گرل، سينا پريل، آهن اصل، سپيئي ڪريل
ٽاهيو ولر، نڪريو پهر، ڪن سي قهر، شام و سحر

ابروعجيب، پيا لال لب، ڪن روز شب، ڪيڏا غضب
سي باخبر ۽ بي فڪر، ڏيو سي چڪر، ڦٽين جگر

ننگا جسم، پيا ڪئين قسم، بس بي حيا ۽ بي شرم
آچر چنچر، سارو شهر، ايندو نظر، هوا بندر

پاڪ آستان، واه مسلمان، منشي چوي، ڪرڪو ڌيان
اڳيان بشر، ايندو حشر، پچندو اتي خالق خبر

9.6.1963
ڪراچي

Gul Hayat Institute

# تنهن دلدار ڇا ڇئجي

ڪيو بيمار، جنهن بيمار، تنهن بيمار ڇا ڇئجي
ڏيئي جو پيار، ٿي ويو ڌار، تنهن دلدار ڇا ڇئجي

محب ماري، تو خوش گهاري، ۽ منهن ٿاري نہ ڏيکاري
هلان حجت، ڪري نفرت، ڀلا پوءِ يار ڇا ڇئجي

گهٽي گهر وٽ ، بيهي پر وٽ، اچي در وٽ ڪيم دانهون
سُٽي دانهون، هٽي ٻانهون، ٿيو پاهون ، پار ڇا ڇئجي

ڇڏي مجبور، ٿي ويو دور، ٻيا مون پور، اُن پڙ تي
ايڏو سرڪار، جو هر بار، آهي خار ڇا ڇئجي

تن ۾ تار، تنهن سرڪار، جي هروار منشي ڪي
انهن جو آر، ٿيو ٻئي پار، بس لاچار ڇا ڇئجي

14.3.1962
دڙو

Gul Hayat Institute

## <u>ميدان مون لئہ چڻ مقام</u>

ياراڇ ڪنهن خار ڪان، درڪا ڪئي ڪيڪار بند
ڪار بند، وهنوار بند، ۽ چار بند، گفتار بند

هٿ مڙيئي هٿ ٿاڙ هئا، چوڌس چگي مون ڪئي چڪاس
دار بند، چوڪار بند واپار بند، بازار بند

جنهن چمن ۾ چؤطرف، چُون چُون چگي چِيهن سندي
سو چمن چوڌار بند، چمڪار بند، چينگهار بند

مون ڏٺو سڀ ملڪ هو، ميدان مون لئہ چڻ مقام
آر بند، سڌسار بند، پيو ڌار بند، ديدار بند

مُنهن ڪري منشي اٿي، منزل ڏي موٽيو چا ڪري
يار بند، ڪيو يار بند، دلدار بند ، منٿار بند

20.2.1962

Gul Hayat Institute

## بتي، بوڪ پين سان جهيڙو

رهيو آ روح ڪي باقي، بَتي بُوڪ پين سان جهيڙو
سراسر آهي سيباڻو، صنم جي سين سان جهيڙو

گذاريان ڏينهن ڏکن ۾، ۽ روئڻ لئہ رات ڪافي آ
لکڻ سان لُڙڪ ڪن لارون، لڳائي لين سان جهيڙو

سمهڻ سان سُور ڪن سنگهرون، ستائي سار ساجن جي
اکين جو تي پوي آرام، ۽ پيو چين سان جهيڙو

نياپو نند جو جيڪر ڪٿي آئي اوپاسي ڪا
اُيا نشتر عجيبن جا، نوان ڪن نين سان جهيڙو

رهي مذڪور منشي کي، مدامي محب جو من تي
سنجهي کان آ صُبوح تائين رهيو بس رين سان جهيڙو

3.5.1962

Gul Hayat Institute

# هُت درڪار هيرن جي

س- س: لڪي لولي، ٻڏي ٻولي، ٽيان گولي، گهگيرن جي
ج – م: اها ٽولي، هٽي گولي، چني چولي ، چڳيرن جي

س- س: سنپاري مينهن، وارا ڏينهن، نئي ٿو نينهن، ڪريان ڪيئن
ج- م: سُڪائي رت، اهائي گت، وجائي مت، متيرن جي

س-س : هتي بادل، ڪئي ٽاڏل، هِتي قاتل، پيو ڦٿڪي
ج-م: اول الفت، پوءِ ڪفلت، اها عادت، اميرن جي

س-س: ٻڏي ٻولون، جهلي جهولون هُتي گولون، ته گڏ چونديم
ج-م: وٺي ويا پر، اهي دلبر، ادا اڪثر، وڏيرن جي

س-س: سپاهي ساڻ، چڏ چڪتاڻ، جيءَ جنهاڻ، مِ ناهي
ج-م: نه منشي مار، تون سرڪار هُت درڪار هيرن جي
سوال سپاهي، جواب منشي

17.8.1962

Gul Hayat Institute

## جيءُ نہ گڏ جنجال سان

س- م : خط نہ لکيو خوبصورت ، خاص کھڙي خيال سان
ج – س : مست تنھنجي مُحب کي، آهي محبت مال سان

س – م: چو قريبن جي ڪرين تو، مون ڪُتل مھندان ڪوار
ج- س: توجھا تابان ڪيا ھن، ترڪ ھڪڙي تال سان

س – م: سِر ويو، صدقي ٿيو، سھڻي سڄڻ ساجن مٿان
ج – س: عشق ناهي راند ڪرڻي، بره وارا بال سان

س – م: ابتدا کان عھد منھنجو، آهي البتہ سان عجيب
ج- س: ھن ڇڏيا واعدا وساري، ڇُوٽ ڦيرين چال سان

س – م: ھُو وساري ، مر وساري، مون نہ وسري مُور مور
ج – س: ھُو سنياري سٽي سيرو، تون ھٽين دم دال سان

س – م: بس مرڻ تائين ڪندو، منشي تہ ماتم محب لئہ
ج – س: ڪر سپاهي جيئن صبر، جيءُ نہ گڏ جنجال سان

Gul Hayat Institute

## اڃٽي بهار آهي

س - م: منظر اداس آهي، دل بيقرار آهي
ج - س: مايوس ٿي نہ بلڪل، اڃٽي بهار آهي

س - م: دائم دکائي دل کي، دردن ڪيو تہ ديرو
ج – س : اِنَ مَعَ العُسرِ يُسرا، جوڙيو جبار آهي

س – م : ميخون هٽي جي مخفي، ماري ويا نہ موٽيا
ج – س : ايندا اگڻ اهي اڄ، جن انتظار آهي

س – م: سالن ڪنا تہ سڪنديءِ، صدمان سوين سٺا مون
ج – س : ويندا لهي وڇوڙا، غم ڏينهن ٻہ چار آهي

س- م : مون لک لکيا لفافا، لالڻ لکيو نہ هڪڙو
ج – س : ارمان ڪر نہ اُن تي، هُو بي ميار آهي

س – م: منشي مڃي مڙيئي، مُحبن ميار مون ڏي
ج – س : صابر ٿي چئي سپاهي ، صاحب ستار آهي

## ميم ماريا معتبر

س – س : ميم جو ڪر ماتم مخفي، اي ميان مذڪور ميم
ج – م : ميم مان محبت ملي پر، ٿي ڪري مجبور مير

Gul Hayat Institute

س – س : مست ٿيا ان ميم ۾، مانجهي متارا ۽ متير
ج – م : ميم مالا ڪيا، ڪي ڪي ڪيا مهجور ميم

س – س : ميم سان مليو ٿيون جن، سي مدامي موج ۾
ج – م : ميم ڪان جن منهن مٽيو، تن کي ڪيو مقهور مير

س – س : ميم جي ميدان ۾ ، ڪي موهيل مشتاق ڏس
ج – م : ميم ماريا معتبر ۽ ميم ڪيا معذور ميم

س – س: ميم ڪيا ڪي ملڪ والي، ڪي سپاهي ميم ۾
ج – م: ميم ۾ "منشي" مري شل ، جيئن مُئو منصور ميم

15.10.1962
سوال سپاهي، جواب منشي

Gul Hayat Institute

# دادلا تون داد ڪر

جو چيو تو سو چوڻ، تنهنجو ذرا تون ياد ڪر
دل ڏني آ دانهن توکي، دادلا تون داد ڪر

تو وساريو مون نہ وسريو ، آ وفا جو واعدو
قول جي قالو بلئٰ جا، سي نہ تون برباد ڪر

پرت جا پيوند پائي، تو ڪيو پنهنجو پرين
ڇڏ جدائي هاڻ جاني، ڪين دل ناشاد ڪر

جنهن سال ڪئين صدمان سٺا، تنهن کان صبر هاڻي ويو
مهر سان محبوب تنهن، هيڪر اچي آباد ڪيو

تنهنجي محبت ۾ سدا، منشي مري ماندو مٿا
بس سڙيل دل سوز وارن، کي اچي تون آباد ڪر

1962ع

Gul Hayat Institute

## مام مارڻ جو

نہ پُڇ مونکان سبب سهڻا، اکين مان آب هارڻ جو
متان مجرم ٿئين تون ئي، منهنجي روح کي روئارڻ جو

حقيقت حال منهنجي جي، مڙيئي معلوم تو آهي
پڊائي چا پڊايان، تو ائين غمگين گهارڻ جو

سوين صدمان سهي سر تي، بنايو حال مون ههڙو
اڃان تنهنجي مٿا من جو، تو ڏسجي مام مارڻ جو

سُکون پاتم جي سپني ۾، تنهنجي محبت جي محفل مان
اسم ڏيئي اجنبي مونکي، ڌرم ڌاريئي ڌڪارڻ جو

مرڻ جهڙو ٿيو منشي، اسير عشق ۾ عاجز
مگر احساس تو دل ۾، نہ ٿيو نرمل نهارڻ جو

28.12.1962

Gul Hayat Institute

## نر ڦري ناري ٿيو

بيقراري جي بدن تي، بار اچ ڀاري ٿيو
پرت پنهنجن مان وئي، اڪين مان جر جاري ٿيو

بي سبب بهتان آيا، هڪ ٻه تي هڪيئي پٽيان
ڏک انهيءَ ۾ ڏيل تي، ور ڏيئي وجد طاري ٿيو

رات ڏينهن جن سان رهاڻيون، سي روحاني ٿيا رقيب
سوز انهيءَ ڪان سڙي، سارو جگر واري ٿيو

ناز دل جا راز دل جا، خاڪ خوشيون ٿيون ختم
ملڪ سڀ ميدان مون لئه، ۽ زمان زاري ٿيو

هڪ مونجهارا ميم جا، من تي مدامي مچ مچن
چوٽ سِر تي سُور چوٽا، ملڪ سڀ ماري ٿيو

جو سهارو مون تي سمجهيو، سو سراسر سُور ٿيو
بي گناه بهتان ڏيئي، نر ڦري ناري ٿيو

مُڙ نه منشي مشڪلاتن، منهن ڏيڻ مردن جو ڪم
آسرو الله تي رک، جو بي بها باري ٿيو

Gul Hayat Institute

15.2.1962
8 رمضان المبارڪ

## وچي ويٺو وڏيرن ۾

جدا جيئري ٿيو جاني، جاڳائي جوش جيرن ۾
غريبن کي چڙي غم ۾، وچي ويٺو وڏيرن ۾

نمي ويو نقد ناٽي تي، نشانبر نازور منهنجو
ڏسي بنگلا ۽ بازاريون، رکيائين دل کي ديرن ۾

اسان وٽ رَب رُکي حاضر، حناني بند هُت حلوا
کٽي بيضن وچي بازي، نشو رکيل هو نيرن ۾

اسان وٽ بافتو مشڪل، هُتي هو بوسڪي بخمل
هُتي ڏوپي ڌوئن ڪپڙا، اسين صابڻ جي سورن ۾

اجايو مست ٿي منشي نہ شڪوہ ڪر شريفن جي
وڏي ڪنهن هُو ڦندي ويئڙا، ڦيرائي تنهن کي ڦيرن ۾

25.12.1961

Gul Hayat Institute

## پلا ناٽو آ نَر نَر

سين ڪان ذات زورا ور ، زماني ۾ آ زر زر زر
هجي پيسو ته پر ڪيسو، فڪر پيو ڪين ڪر ڪر ڪر

عجيبن عشق منهنجي جو، قدر ڪوڏي قدر نا ڪيو
چڙهي ويو ور وڏيرن جي وجهي ويٺو هُو ور ور ور

اسان  ناحق جگر جيرا، جلايا جانين جي لئه
مگر اغيار سان گڏ هُو، گهمي ٿو روز گهر گهر گهر

مون جنهن کي باوفا سمجهيو، سو سهڻو بيوفا نڪتو
نمي ويو نيش نوڻن تي، پلا ناٽو آ نَر نَر نَر

چيو مون حرف حرف چپ چوري، ته وعدا ياد ڪر پنهنجا
چيو دلبر دعا ڪريو، جهلي درگاه جو در در در

غريبيءَ جي مرض منشي، اندر توڪان سوين سهٽا
ڪُسي ڪيمون ٿيا قابل، نه پلجي وٺ تون پر پر پر

25.12.1961 گولارچي چڪ نمبر 2

Gul Hayat Institute

## بنا زر جي نہ ڪر بانور

دڙي خاطر دِڙي تي تون، دڙيو بيٺو تہ دڙ دڙ دڙ
سچڻ ويو سون تي سِرڪي، سڙيو ويٺو تون سڙ سڙ سڙ

وڪامي پئي وفاداري، دنيا دولاپ آ ساري
اجايو روح پنهنجي کي، روئاريو پيو تن رَڙ رَڙ رَڙ

بنا زر جي نہ ڪر بانور، محبت ناهي ماڻهن ۾
وجد ۾ چو اچي ڪنهن جو، وڃائين ويٺو وڙ وڙ وڙ

تون پنهنجي پيٽ ۾ مشڪل، نہ اٽيئي پان جو پئسو
هُتي گهُرجي حجت لاءِ، هزارن جي ٿي هڙ هڙ هڙ

متان منشي ڪرين ڪنهن جي، اجائي تون گلا غيبت
خدا کي ياد ڪر هڪدم، لڳائي چو تو لڙ لڙ لڙ

7.1.1962 گولارچي

Gul Hayat Institute

## لکئي جا ليک

منهنجو محبوب اڄ زر تي، وڪامي ويو، وڪامي ويو
پکي پاليم سو پڇري مان، اڏامي ويو، اڏامي ويو

سوين صدمان سهي سر تي، جو سانديم ساهه سان سهڻو
مٿي محبوب مُنهن مونکان، مدامي ويو، مُدامي ويو

دلالن دعوتون ڏيئي، پرين پنهنجو بنائي ويا
ڏُکايم ڏيپ جو دل ۾، اجهامي ويو، اجهامي ويو

نہ ٿي ڄاتم تہ ڪي پنهنجا ، پرايا ٿي پرين نيندا
اسان جو درد اڄ ٻيڻو، اُيامي ويو، اُيامي ويو

لِکئي جا ليک سڀ منشي، سبق سُورن جا سِک سِک سِک
جو اُپريو سو وري آخر وِهامي ويو ، وِهامي ويو

6.1.1962
گولاڙچي

Gul Hayat Institute

# آهن جو اثر ٿيندو

روئڻ نارائگان ويندو، محبت جو قدر ٿيندو
اسانجي درد جو شاهد، ڪتي تارو قمر ٿيندو

خدا در دير آهي پر، اصل انڌير ڪانهي ڪا
يقين سان ٿو چوان هڪ ڏينهن، آهُن جو اثر ٿيندو

ڪشالن، ڪوششن، صدمن، روئي راتين وهائڻ جو
تہ شاهد شوق مان هر هڪ، پيڇاري جو پٿر ٿيندو

جَلڻ ڪامڻ پَچڻ پَر ۾، اسان آهي بچايو ايئن
قيامت ۾ جيئن ڪافر لئہ، برو برپا حشر ٿيندو

مُرڻ منشي جو ڪم ناهي، صفا سچ جنهن چيو آهي
اسان ئي نينهن وارن تي، نرم نرمل نظر ٿيندو

11.1.1962
حيدرآباد سنڌ

Gul Hayat Institute

# واڪن تي واڪ

محبت اسان کي بنايو آ پاڪ
هٽي هاڻ سگهندو نہ دشمن پٽاڪ

مونجهارا مڙيئي من مٿان ميم لاٿا
ڪِريا قلف قلبئون ڪُليا تَن جا طاق

سوين سُور صدمان سهي سر مٿي جي
ڪڍهن ڪان ڪناري ڪنڌي ٿياسون ڪاڪ

نظارا اشارا نوان ڏارياسون
نوان ٽاٽ ٽاهي ٽيس ٽيڪ ٽاڪ

گهُريوسون، مليوسون، ڪيوسون، شُڪر
رکي ڪونہ محنت ڪڍهن رب رزاق

ٽيو مُنهن ڪارو تہ دشمن سندو
اهوئي وٽس آ حقو نڙ تماڪ

محنت، محبت پلئہ منشي پيا
پلا چو نہ هاٽي ڏي واڪن تي واڪ

12.1.1962
حيدرآباد

Gul Hayat Institute

# باب چوٿون

# اوائلي ۽ آخري

# حمديہ ۽ نعتيہ شاعري

Gul Hayat Institute

# دعا

ڪرم ڪر، ڪرم ڪر، ڪرم ڪر خدايا
هي دل نيڪن ڏي، نرم ڪر خدايا

اُها مَت ڏي مونکي، جنهن ۾ رب تون راضي
نوازش سان پنهنجي بنائين نمازي
دنيا آخرت ۾ ڀرم ڪر خدايا

ڪمايو مون ڪَچ ڪُوڙ آ عمر ساري
وساري مون توکي ، حياتي گذاري
تون رحمان راحم، رحم ڪر خدايا

پناهه جو ڏيئي پردو، ڍڪڻهار ڍَڪ تون
همه هٿ ۾ تنهنجي ، تون هادي تون حق تون
مهربان مهر ڪام، مٿم ڪر خدايا

سگهو ميٽ منشي، جون مالڪ مدايون
تون باري تعاليٰ، بخش ڪر ڪچايون
قبوليت ۾ منهنجو، هي نظم ڪر خدايا

(1962ع جنهاڻ سومرو)

Gul Hayat Institute

# حمد

يا غني، غفار تون، قادر، قوي ۽ ڪلتار تون
پاڻ ٽاهين، پاڻ ڍاهين، جڳ سندو جبار تون

جهنگ جهر ۽ باغ بُوستان، ڪُل مٿي تنهنجو قدم
سر زمين ۽ ارض و سما، ڏينهن سندو ڏاتار تون

جوڙ جي جنسار جوڙين، جڳ اندر جن و بشر
روز تن رزاق رسائين، پاڪ پالڻهار تون

تون جيارين، تون ئي مارين، تون ئي باري بادشاھ
تون ئي خالق، تون ئي مالڪ، خاص خلقڻهار تون

تون ئي عالي ۽ تون ئي والي، حاڪمن حاڪم بہ تون
توکي طاقت، توکي قدرت، سڀ مٿان سرڪار تون

ٻاجھ تنهنجي کي ڏسي، ڪوڙين ڪبيرا مون ڪيا
ميٽ منشي جون مدايون، باري بخشڻهار تون

2.9.1962

Gul Hayat Institute

## نُوري نظارا

پرور پسايو مونکي، مدني سندا منارا
نوري ڏسان نظارا

سَندَ سَندَ سِڪي ٿو ساري، ديدار لاءِ دلبر
حرمين ڏي هلايو، هي عيبدار هيڪر
ڪري ڀاڃھ ڀانهڙي تي، واريو وصل جا وارا
نوري ڏسان نظارا

طواف مان ڪريان اُت، ڪعبي سندو ته دم دم
پِرتئون پيان مان پاڻي، جو پاڪ آهي زم زم
هن سال حاجين سان، شافع ڪريو شمارا
نوري ڏسان نظارا

پيرن ۾ پهچ ناهي، پئيسو نه آهي پائِي
هٿ ۾ همٿ آ تنهنجي، تو وٽ نه دير ڪائِي
هِتي حال ٿيو آ هيڻو، نيڻين وهائي نارا
نوري ڏسان نظارا

منشي جو هٿ هِجر ۾، سَل سَل سڙي ٿيو سينو
ڏيکار تنهن کي هيڪر، مالڪ مکو مدينو
روضو ڏسي، نبيءَ جو، قلبئون اچي قرارا
نوري ڏسان نظارا

13.8.1963 ع بروز اڱارو
ڪراچي سنڌ

Gul Hayat Institute

# محبوب سُبحاني

اڳي آدم کنا آڳي، بڻايو نُور نُوراني
ڪري ختم النبي خالق، مُڪو محبوب سبحاني

جڏهن چائو مَڪي مُرسل، هلي هر جاءِ ويئڙو هُل
شعاع نئون هي ٿيو شامل، ڪيو جلوو جڏهن جاني

لٿو ڪفران سڀ ڪارو، وريو اسلام جو وارو
لڳي ويو دين جو نارو، آيو لولاڪ لاثاني

اسان جو رهنما رهبر، پيارو پاڪ پيغمبر
ڪئي جبرئيل جنهن جي در، مٿي دم دم ٿي درباني

جڏهن معراج ويو مُرسل، مچي ويو آسمان تي هُل
احد احمد جي ٿي محفل، ڪئي الله احساني

نہ مٽ جنهن جو ڪوئي ٿيندو، هلي محشر ۾ سو ايندو
اڙين آڌار سو ٿيندو، ڪري مرسل مهرباني

نہ منشي غم قيامت جو، ڪنيو هُن بار اُمت جو
اِذن هن کي شفاعت جو، ڏنو ڏاتار رباني

2.3.1962

Gul Hayat Institute

# شال ٿئي ديدار

آهيان جنهن جي اولي، دل ساڻي ڳولهي، مدني ڏسان منٺار
شال ٿئي ديدار

وارث والي، بي مثالي، جنهن جو جڳ منجهه جوت جمال
جيءَ جو سو جاني ناهي، جنهن جو ثاني ملڪن منجهه مثال
سوئي پُوڪايان، راهون نهاريان، مان ملي مهندار
شال ٿئي ديدار

ڪوثر ، مُزَمَل، طه، نمَل، شان ڪري قرآن
والفجر ۽ والعصر، فائق آ منجهه قرآن
اِذن شفاجو واعدو وفاجو، ڏنو انهيءَ ڏاتار
شال ٿئي ديدار

انهيءَ جي آئي، غم ڪوئي ناهي، منديو جتي ميزان
هلي پاڻ ايندو، هٿڙا ڏريندو، امت جو اڳواڻ
پاڻ ئي ستائيندو، رب کي رِيجهائيندو، ويندا لهي ويچار
شال ٿئي ديدار

منشي مدامي تنهن جي غلامي، تو قبولي غلام
پڙهان مان ساري، وري ڏيئي واري، تنهن تي صلاتون سلام
مرڻ جي ويلي، ڪنهن به حيلي ڪلمون ڏجئين آڌار
شال ٿئي ديدار

1962ع

Gul Hayat Institute

## سرداري

ادا اُمتي احمد تي، پڙهو صلوات سؤ واري
مٿي تي موت آ ماري

نہ آدم کي اجازت جت، نہ ابراهيم اختياري
نجي الله نفسيءَ ۾، محمد صلي الله عليہ وسلم اُت بہ مختياري

نہ ڪو يوسف نہ ڪو يونس نہ ات يعقوب جي ياري
نہ هلندي هُود جي هوندي، پيو ذڪريا ڪندو زاري

نہ موسيٰ جي اُتي مرضي، نہ ڪا عيسيٰ جي آڏاري
اُتي ايوب پيو عاجز ۽ هوندو لوط لاچاري

سواءِ عربي احمد جي، نہ ڏي دائود دلداري
مهر مڱتو مڱي "منشي" ڪجا سانيم ڪا سرداري

10.6.1969 جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

# معراج

سرور سُونهارا، دل جا پيارا، دل کي ساري
سيد گھوڙي چڙھي آ

مولي گھرايو توکي معراج مٿي، ڏاتر رکيا تولئہ ڏاج اتي
ڏيندو شفا جو تو تاج اُتي، تنهن لئہ ٿي تيار
سيد گھوڙي چڙھي آ

سائين تولئہ عرش سينگاريا، منزل منزل تي مَلڪ بيهاريا
قربئون ڪري اچ بيٺا قطارا، حُورن تاهيا هار
سيد گھوڙي چڙھي آ

تو کي جُتي سان جاني گھرايو، آهي اهو ٿيو رب جو رايو
سنيري سگھو هل ڪر تون سعيو، باري کنيا بار
سيد گھوڙي چڙھي آ

منشي سان مرسل مدد ڪجائين، جيئري زيارت پاڻ پسائين
مرڻ ويلي تون ياد ڏجائين ڪلمي جو آڌار
سيد گھوڙي چڙھي آ

(28.6.1962)

Gul Hayat Institute

# مَڪان ۽ لامَڪان

فرشتن فلڪ تي ڪيو تي، برابر ايئن بيان تنهنجو
ڏنا تو ڏاج ۾ ڏاتر، زمين تنهنجي زمان تنهنجو

نظر ناسُوت تي تنهنجو، حُڪم هاهُوت تي تنهنجو
جدا جبروت تي جلوو، عجب آهي عيان تنهنجو

تجلو طُور تي تنهنجو، لقا لاهوت تي تنهنجو
خدا جو تون، خدا تنهنجو بيان ڪهڙو ڪيان تنهنجو

جُتيءَ سان وئين اُتي جاني، جتي محبوب سبحاني
تون ٽئين مهمان مالڪ جو، ۽ مالڪ ميزبان تنهنجو

نہ تو جهڙو ٿيو، ٿيندو نہ ڪي ڇائو نہ ڪي ڇمندو
چوي "منشي" مٺا مرسل ، مَڪان ۽ لامڪان تنهنجو

16.12.1964
جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

## نُور الهُدىٰ

ماهِ لقا، مرسل مٺا، تنهنجي شفا روز جزا
قرآن مُڪو توتي خدا، نبين ۾ تون نور الهدا

تو لئہ زمين، تو لئہ زمان، تنهنجو مڪان ۽ لامڪان
اي هاشمي هر دو جهان، تو ڪي ڪشف، ڪشف الدجىٰ

معراج تو لئہ خاص ٿيو، اخلاص تنهنجو پاس ٿيو
رحمان توسان راس ٿيو، تنهنجو بيان بلغ العُلىٰ

خود خاص توڙي عام ٻئي، توڪي جهان انعام ٻئي
هڪ ميم مخفي نام ٻئي، هوُ احد، تون احمد

منشي طلب ديدار جي، جنت نہ ڪو جنسار جي
بس التجا بيمار جي، هيڪر پسايو مصطفىٰ

6.6.1965

Gul Hayat Institute

## مرثيه

شاهن ڪٽي شهادت، ميدان ڪربلا ۾
سِر تي سٺا صغيرن، ڪئين ڪانِ ڪربلا ۾
ميدان ڪربلا ۾

پاڻي بند ڪيو پليتن، معصوم اُڃ ۾ تڙپن
پاڻي گهرڻ جي عيوض، وسڪار تير ڪڙڪن
ڪوندر ڏسو ٿيا ڪهڙا، قربان ڪربلا ۾
ميدان ڪربلا ۾

قاسم لڏيون ٿي لائون، هٿ خون مان رڱيايون
ناني ڪي خوش ڪيائون، چوري نه چپ چيائون
تقدير تي رُنائون، ڏيئي جان ڪربلا ۾
ميدان ڪربلا ۾

ڪوفين ڪيا ظلم زاري، روئي فاطمه پياري
ٿي آسمان رُنو ۽ ڌرتي رُني ٿي ساري
زينب، سڪينه، زهره، زندان ڪربلا ۾
ميدان ڪربلا ۾
حاڪم جو حڪم آيو، ڪنڌ ڪوندرن ڪپايو
معصوم ماءُ جو اصغر، اڪبر به ڪين آيو
"منشي" چوي ٿيا ڪهڙا، مهمان ڪربلا ۾
ميدان ڪربلا ۾

Gul Hayat Institute

1.1.1964

## شفاعت

رهبر اسان جو مُحمد ٿيو آهي
قيامت جو تنهن جي ڪري خوف ناهي

جنهن کي تاج طه ڏنو ڏاتر
جهان هي پئي قادر ڪيا جنهن جي خاطر
ڪوثر، مزمل، تو قرآن پڙائي

صفت ۾ سراسر سندس ڪو نه ثاني
جنهن جي در جي جبرئيل ڪئي درباني
مالڪ مليو ٿي جنهن کي عرشئون آٽائي

نه عيسىٰ، نه موسىٰ، نه هود، يونس
قيامت ۾ نفسي زبان منجهه هونديس
اُتي اُمت جو عربي کنيو بار آهي

مدامي آ منشي کي مُرسل جي محبت
ڪندو سو اسان تي شافع شفاعت
ويو جو اسانکي ڪلمون پڙهائي

(7.8.1963)

Gul Hayat Institute

## حضور

پسندي حسن حضور
ويا ٿي درد سيئي دور
محبت پريا ميم جا مکڙا
ميم ڪَيَس مخمور
ويا ٿي درد سيئي دور
يوسف ثاني ٿئي نہ ڪنعاني
ڇا پري، ڇا حُور
ويا ٿي درد سيئي دور
مشرق مغرب والي واه واه
ڏٺم نسورو نور
ويا ٿي درد سيئي دور
مرسل آئي منشي ڏس تون
ملڪ ٿيا مسرور
ويا ٿي درد سيئي دور

13.8.1963
ڪراچي سنڌ، بروز اڱارو

Gul Hayat Institute

# لولاڪ

جنهن کي لاڳ مليو لولاڪ
اسان تنهن سان لئون تہ لڳائي آ
پرور جو سو خاص پيارو
نور پريو آ جنهن جو نظارو
جنهن جي عرشن مٿي اوطاق
باري پاڻ تہ بنائي آ
ڏسي هادي سان همڪلامي
جبرئيل ڪئي جنهن جي غلامي
وئي هلي حورن ۾ هاڪ
سڄڻ سواري آئي آ
اُپ زمينون عرش سينگاريا
منزل، منزل تي مَلڪ بيهاريا
کولي دريون، در طاق
مٿي محفل مير مچائي آ
منشي رک تون محبت انهيءَ جي
ٿيندي اڳيان شفقت بہ انهيءَ جي
رحم ڪندو رب پاڪ
اها وات سدائين وائي آ

(17.8.1963)

Gul Hayat Institute

# آذار

شڪرانہ شاد مانا، چامن جو چام چائو
اُمت سڄيءَ لئہ، عربي، آذار ٻڻجي آيو

شافع ڏٺي شريعت، تحفو سندس طريقت
ماڻي آ جنهن معرفت، سو هڪ ٿيو اندر حقيقت
رحمت جو ساري جڳ تي، وايو منڊل تہ ڇايو

ظلمات رات ويئي، روشن دنيا تي پيئي
عالم سڄي ۾ عيدون، سانگي سَرها سيئي
پسندي حسن حبيبي، حورن تہ هل مچايو

نبين سندو نبي تون، پُوري جهان لئہ پارس
هيڻن سندو تہ حامي، وِلهين سندو تہ وارث
فلڪن مٿي فرشتن، ٿي گهوٽ کي گهمايو

منشي نبيءَ جا نالا، نوانوي نرالا
امت جي لئہ اجالا، منڪر جي لاءِ پالا
جبرئيل جنهن جو خادم، باري تہ هو بڻايو

(1972ع)

Gul Hayat Institute

## نظارا ڏيکاريا

تنهنجي عشق عربي، پئي جڳ اجاريا
تنهنجي نور نرمل، نظارا ڏيکاريا

حَجر ۾ شَجر ۾، بحر توڙي بَر ۾
اَبر ۾، ظُهر ۾ ۽ شمس و قمر ۾
تنهنجي جوت جلوي، جڏا جيءَ جياريا

چمن ۾ ۽ بَن ۾، زمين و زمن ۾
ڪَکن ۾ پنن ۾ ۽ ٻوٽن گلن ۾
تنهنجي سونهن سَرور، هي سامان سنواريا

بيان ۾ زبان ۾، نِهان ۾ عيان ۾
جهان ڪاروان ۾ ، مڪان لامڪان
تنهنجا ٻول ٻهڳڻ، طيُورون تنواريا

هي منشي تو مرسل سندي در جو دايو
تنهن کي پاڻ پنهنجو، پيارا پسايو
تنهنجي پاڪ پِڪ ڪئين، پياسي پياريا

Gul Hayat Institute

## رحمت جا دريا

يلي ڇام ڇائين، سڄڻ سونهن پريا
ڏني تنهنجي روضي، منهنجا نيڻ ٺريا

مَلڪ، جِنَ، حورون، پَريون پرستان جون
سنواريئون سينگاريئون، گليون گلستان جون
اُپيون ادب سان تو، جتي پير ڌريا

تون قنديل تو ۾، ڪئين ڪهڪشائون
اجاگر ٿيون اسلام، جون راهه راهون
وَهايا دنيا ۾، تو رحمت جا دريا

تنهنجو خود خدا سان، رهيو نيهن ناتو
تنهنجو نينهن ناتو، خدا خود سڃاتو
مڙن مؤمنن جا، سيئي ڪاڄ سَريا

تون طارق جو تڪيو، نبي ڇام نرمل
تون اڪمل، مڪمل، تون مڙني جو مرسل
اسان تي مهر ڪج، اسين ڇريا ڪريا

(2001 رمضان)

Gul Hayat Institute

## اَول آخر

سيني نبين ۾ آهي نشامبر، اسان جو پيارو نبي پيغمبر
سين کان افضل سين کان اڪمل، سين کان اول، سين کان آخر

ٻنهي جهانن سندو هي وارث، پرين اسانجو سو پڌرو پارس
هي خود آ موتي، هي خود آ جوتي، سڄي دنيا کان سوايو سارس
خدا چيو خود انهي لئہ جوڙيا، جهان ٻئي هي آهن مون بهتر

هي اُڀ، ڌرتي هي چنڊ، تارا انهيءَ جي نور جا آهن نظارا
سمنڊ هي دريا، پکي پکڻ ۽ ڏسين ٿو جيڪي درخت سارا
شمس، قمر ۾ شعاع جو آهي، اُهو تہ هن جي ذري برابر

اُهو اسان جو، اسين انهيءَ جا، اسان سان ٿيندو حشر ۾ حامي
انهيءَ جي معرفت مديون ميٽبيون ، اسين انهيءَ جي ڪريون غلامي
پُٺيان انهيءَ جي پيا تہ آهيون، اڳيان اُڪاري ڇڏيندو تر بر

عروج جنهن جو معراج ماڻ، نماز نعمت اتان کان آڻ
انهيءَ جي منشي تہ چاڻ چاڻ، بني هي بازي آ جنهن جي ڪارڻ
سوايو ساري دنيا کان صاحب، بنايو جنهن کي آهي سراسر

(2001ع رمضان المبارڪ)

Gul Hayat Institute

## جرڪيا جڳ جنسارن ۾

نُور نِراڙ ۾ ائين چمڪي جيئن، چمڪي چنڊ ستارن ۾
واحد پاڻ واڪاڻيو آهي، سيني ٽيهن سيپارن ۾

تاج طٰہٰ وارو پائي، واليل واري وِڪ وڌائي
اقراءَ ڪي ارشاد بنائي، جُزءِ ڪُل جي جوت جڳائي
بسم الله چئي برقعو لاٿئين، نازل ٿيا نينهن نظارن ۾

ڏڻ هليا ٿي ڏٽين ڏاران، بيگانا ئي بيگانا
انهن ڏڻن جو ڏٺي ٿي آيو، مچي ويا هر هنڌ مئخانا
ونڻ ونڻ مان واڏايون آيون، جرڪيا جڳ جنسارن ۾

منشي ميگهه ملهارون موتيون، وييون اگهامي ڪريون ڪوتيون
رُوءِ زمين تي روشن پيئي، جرڪي اٿيون جبلن چوٽيون
فرق فنا ٿي ويو فڪر سان، اڃن توڙي ڪارن ۾

(2001ع رمضان المبارڪ)

Gul Hayat Institute

## رمضان منجهه رمزَون

پاڳن پريو پلارو، مهينو هي آ مسافر
وڏي شان مان وارو، مهينو هي آ مسافر

رمضان منجهه رمزون، رحمان خوب رکيون
بي انت برڪتون ڪئين، ڪولي ڏسين جي اکيون
سارو نور جو نظارو، مهينو هي آ رمضان

روزا ۽ نمازون روح سان، پڙهيون جنهين پڙهايون
فردوس مان فرشتن، واڌايون تن لئہ لايون
اٿ ٿي نہ تون آ سارو، مهينو هي آ مسافر

اڳيان سال جو سفر آ، ڪنهن ڪل حياتي پاتي
ڪرڻو اٿئي ڪري وٺ، آهي بيوفا حياتي
دنيا جو ڇڏ خسارو، مهينو هي آ مسافر

منشي هي مؤمنن لئہ، آهي امتحان جو مهينو
ڪر عشق سان عبادت، ڪڍي قلب مان تہ ڪينو
سمجهي هي وڄ اشارو، مهينو هي آ مسافر

(2001ع رمضان)

Gul Hayat Institute

## شادي مبارڪ

شڪرانہ شاد مانام شادي جي رات آئي
ياءَ سيئي ٿيا پيڙام بڻجي برات آئي

هي جو هُيو هميشہ سالن ڪنا سڪايل
تنهن کي ڏيو تہ ڪيرون، مائٽ ٿي منهن مقابل
صد مرحبا مبارڪ، هر ڪنهن جي وات وائي

اندر سنديون تہ آسون، پرور سيئي پُڄايون
سائين ڪندو سدائين، سڀ ڪنهن سنديون سٺيون
ڏس چؤطرف چمن ۾ هر ڪنهن آ لات لائي

الله ڪندو تہ رهندو، آباد آشيانو
قادر سندي ڪرم سان، محبت پريو ميخانو
دل سان گهرون دعا تام سڀ تنهنجا ذات ڀائي

منشي چوي محبت، تنهنجي صحيح سلامت
هادي سندي حڪم سان رهندي تہ تاقيامت
اهڙي گهري دعا ٿي، جيڪا جمات آئي

(1972ع)

Gul Hayat Institute

## ديني درسگاهون

هي ديني درسگاهون، اسلام جي نشاني
جنهن جي ئي دم سان قائم، دنيا ۾ مسلماني

هي علم ڏي هدايت، ڪري دُور ٿو جهالت
اسلام جي عدالت، سيکاري سچ صداقت
هن جي ڪريون حفاظت، ڪڍي دل مان بدگماني

هن علم جي وسيلي، حاصل ٿئي حق پرستي
هن علم سان سڃاڻي، هر ڪو نبيءَ جي هستي
هن علم ۾ هي تحفو، قادر مُڪو قرآني

هن علم جي طفيلي، ايمان رهي سلامت
هن علم ئي ٻڌايو، ٿيندي اڳيان قيامت
جت ڪم نه ڪوبه ايندو، جيءَ جو جگر ڪو جاني

منشي اُتي محمد، شافع ڪندو شفاعت
جنهن کي پنهنجي پياري، آهي اصل کان اُمت
آهي وڏي انهيءَ تي، مالڪ جي مهرباني

(1971ع جلسہ مدرسہ جنهاڻ سومرو)

Gul Hayat Institute

## سچو دين اسلام

جنهن دين اُجاريو دنيا کي، سو دين سچو اسلام اٿئي
منهن موڙ نہ مسلم هن کان رک ، نينهن خدا جو نام اٿئي

هن دين کي خاوند خاص ڪيو، هن دين کي پرور پاس ڪيو
هن دين کي راحم راس ڪيو، هن دين ڪفر کي ناس ڪيو
هن دين دنيا کي روشن ڪيو، پيا دين دنيا جا دام اٿئي

هي دين مُحمد مرسل جو، هي دين تہ عربي اڪمل جو
هي دين نبي تنهن نرمل جو، هي دين قريشي ڪامل جو
جنهن ڪاڻ جُڙيا هي جڳ ٻئي، جنهن هٿ ۾ شفقت جام اٿئي

هن دين کي حق ڏنا، هن دين ظلم کي ڏک ڏنا
هن دين ڇڏائي شڪ ڏنا، هن لاڳ لڪين لاشڪ ڏنا
هن دين ۾ پورا پيار پريا، رب پاڪ ڏنا پيغام اٿئي

صديق، عمر، عثمان تہ ڏس، ۽ حيدر جهڙا جوان تہ ڏس
حسين، حسن جو مان تہ ڏس، شبير شبر ذيشان تہ ڏس
۽ حارث، خالد، خان تہ ڏس، سي اکين جا سڀ آرام اٿئي
هي دين جا وارث عالم هي، جن رکيا ادارا قائم هي
رهي مسڪين وٽ دائم هي، چاٽي چا وڏيرو ظالم هي
تهذيب فرنگي جنهن ڪئي پسند، تنهن دوزخ در انعام اٿئي

هن دين کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هٽ سيمٽ جهڙا ٽڪرَ سُڪا
هي دين نبي جو سکن پيا، سوين ابهم ڪائي پور پُڪا
ڪجهہ مسلم مؤمن سو ذرا، ڏينهن محشر اڳيان قيام اٿئي

اڄ دين هتي مظلوم ٿيو، هر ماڻهوءَ من محروم ٿيو
۽ ڪوڙي علم لئہ ڪاليجن ۾، هر جاءِ هُل هُجوم ٿيو

Gul Hayat Institute

## اڄ علمائن کان ٻڌڙي ادا، جو قادر جو ته ڪلام اٿئي

هن دين اسان کي ڇا نه ڏنو، ارڪان ڏنا ايمان ڏنو
هو مسلم کي هن مان ڏنو، هن قادر جو ته قرآن ڏنو
احسان الاهي جا توتي، هر وقت صُبوح ۽ شام اٿئي

هن دين جي خدمت فرض ادا، اهو ڄاڻ تون پاڻ تي قرض ادا
هن دين جي محبت من ۾ رک، سڀ ميٽجي وينديئي مرض ادا
هن دين تي رحمت راحم جي، اي مؤمن مرد مدام اٿيئي

هي دين ته يار يتيمن جو، نه اميرن جو نه وڏيرن جو
غمخوار هي دين غريبن جو، ۽ منشي آ مسڪينن جو
هي گوهر جوهر دين اٿيئي، گل اٿيئي، گلفام اٿيئي

21.11.1971
جلسه جنهاڻ لاءِ

Gul Hayat Institute

## ديوبند

ٻُڌ ٻڌايان دين جا هي درد مند
هند ۾ روشن ڪيو جن ديوَبند

مولانا نانوتوي قاسم امام، جنهن جو مڙني کان مٿاهون آهي نام
جو سهي سختيون سوين سر تي مدام، هند ۾ جنهن ڪفر جو موڙيو ته ڪنڌ

جنهن جو ٻيو اُت رشيد احمد هو رفيق، عشق جنهن کي هو الاهي سان عميق
تنهن ٻه گوهر ڪيا گهڻا پيدا ڪيا عميق، کوليا اسلام جا تنهن راهه رند

مرد محمود الحسن مرشد مِڙن، ڪئي شروع آزادي جي تحريڪ جن
مالٽا جا قيد ڪاٽي يڪ سخن، جنهن سوين پيدا ڪيا ساڃهه وند

هر جڳهه حسين احمد هاڪ تو، ملڪ ۾ مدني مچائي ڌاڪ تو
عشق سان طلسم جا ڪيريا ڪاڪ تو، عام لئه بنيا مثال اخلاق تو
پاڪ ڪئين پاپن کان ڪيا دل پاڪ تو، ۽ فرنگين کي وڌا تو ڪئين ڪمند

آهي انور شاهه ڪشميري ماب، حفظ ۾ جنهن جا ها ڪُل ڪتاب
خاص جنهن کي حفظ ۾ مليو خطاب، ۽ سندن شيرين زبان ۾ شير قند

تاج امروٽي ڪرامت جو ڏٺي، هڪ نظر هندو هزارن تي هٽي
دين ۾ داخل ڪيائين پيرن پٽي، اڄ ٻه اڪيون اهڙن جي لاءِ آسوند

Gul Hayat Institute

۽ حماد الله صاحب حال جو، ڇا ٻڌايان مان انهيءَ جو مرتبو
لال خود هو لکن کي لال ڪيو، اڄ ٻه جنهن جي سنڌ ۾ هر جاءِ سڳند

۽ عبيدالله سنڌي مايئي ناز، سامراجين جا پروڙيا جنهن ته راز
جو جلا وطني ۾ عرصو دراز، ماسڪو افغان ڪڏهن تاشقند

پاڻ مَٽ پنهنجو عطاءالله شاھ سؤ سلامن جا بخاري بادشاھ
پشت پنهنجي تو ملهائي رب راھ دين ڪارڻ ڪاٽيا تو قيد و بند

هي سيئي هئا تہ صاحب انقلاب جن فرنگين کي ڪيو هت بي نقاب
ڪي شهادت جام جيلن ۾ جناب ڪي ڪُسي گورن هٿان ويا گل گلاب
هاڪ تن جي اڄ بہ آهي هر ڪنهن هنڌ

دين دل ۾ عشق تن کي انوَري سڪ سدا سِينن سندن ۾ سروري
پاڪ دل ۽ پيروي تن پروري روح روشن سان ڪئي تن رهبري
وصف "منشي" تن ڪندين تون ڪيتري جن نظر سان ڪيا نظارا نظر بند

21.11.1971
جلسہ مدرسہ جنهاڻ سومرو

Gul Hayat Institute

# باب پنجون

## اوائلي مُتفرقہ شاعري

### غزل

Gul Hayat Institute

## هر بهار ڏسو

لطافتن ۾ حياتيءَ کي خوشگوار ڏسو
دعا اِهائي آهي تہ هر بهار ڏسو

جگر فگار ڏسو، چشم اَشکبار ڏسو
چمن جو رنگ ڏسو، موسم بهار ڏسو

فريب جنهن کي زماني سدا ڏنو آهي
انهيءَ جو آهي زماني تي اعتبار ڏسو

عَدُو اسانکي مٽائڻ جي ڪئي گهڻي ڪوشش
اسان جو شان مگر آهي برقرار ڏسو

زبان تي مهر خاموشي ۽ خيال تي بندش
اسان جو آهي چمن ۾ هي حال زار ڏسو

سڄڻ نہ آيو نہ ڪي ايندو اهو يقين منشي
دلِ حزين کي مگر آهي انتظار ڏسو

11.7.1963 بزم مشاعره لاڙڪاڻو (طرح چمن جو رنگ ڏسو موسم بهار ڏسو)

Gul Hayat Institute

## وري گلزار تي ويندو

سگهو انڪار مان مِتجي، وري اقرار تي ويندو
سچو گلزار نئين سر هت، جُڙي جنسار تي ويندو

اُهي تاريون، اُهي پوتا، اها ڪوئل، اها قمري
چمن ۾ ڇهچٽو ساڳيو، چگو چوڌار تي ويندو

خزان جو خاتمو آهي، بهاري ٿيندي برگن ۾
اجهو بس بلبلن سان هي باغ وبهار تي ويندو

هُو ڏس صياد پنهنجا دام، ڇوڙي پيو ۽ ويڙهي پيو
فريبي نيٺ دنيا ۾ ذليل خُوار تي ويندو

بڪاري باغ جا موتي، اچڻ وارا اجهي آيا
هي "منشي" گلستان سارو، وري گلزار تي ويندو

30.11.1963 (ڪراچي سنڌ)
طرح مليل – فريبي نيٺ دنيا ۾ ذليل و خوار تي ويندو

Gul Hayat Institute

# لطافت ملي

غم زندگي ۾ ٿي راحت ملي
حقيقت منجهان ٿي حقيقت ملي

پتنگ جيئن پچائي جڏهن پاڻ کو
تڏهن ان منجهان ٿي ڪرامت ملي

جدائي پٺيان وصل جيڪو اچي
تڏهن ، ان منجهان ٿي لطافت ملي

ڏني دل مون جنهن کي امانت ڪري
نہ ٿي اڄ سا واپس امانت ملي

چمن دل جو ويران آباد ٿئي
ڪنا بي مُروت، مروَت ملي

ڪريان ڇو نہ قربان مان جان، زر
جي قدمن ۾ تنهنجي عيادت ملي

وصل گهوريان مان وڇوڙي تان واري
جدائي ۾ منشي تي جنَت ملي

Gul Hayat Institute

20.12.1960

## درگذر زمانو

درگذر زمانو ڪو دم رهي رهي
دلربا تنهنجو تو غم رهي رهي

بيوفا بهانا ڪر تون ڦٽا ڦٽا
چار روز چٽڪو جوڀن جٽا جٽا
زر نہ روز ڪنهن جو ظالم رهي رهي

خُوبرو خداراِ چو تئين خفا خفا
جان من ڪرين چو جاني جفا جفا
هي نہ حسن تنهنجو حاڪم رهي رهي

نازور نوازين نوڪر نيازمند
قرب ۾ قريبا ڪاتي ڏيان تہ ڪنڌ
خاص تو خوبرو جو خادم رهي رهي

محبت ۾ تو لئہ تو منشي مري مري
قرب جو ڪُٺل چؤ ڪيئن ڪري ڪري
باھ برھ جي ۾ تو بيدم رهي رهي

20.12.1962
طرح مصرع – درگذر زمانو ڪم دم رهي رهي

Gul Hayat Institute

## ڦورو

ڏس دنيا جي دؤر، دانا بہ ديوانہ ٿيا
راز جا همراز ٿي، سورن جا سامانہ ٿيا

جن هنيا ٿي حق جا هوڪا، سي ڦِري ڦورُو ٿيا
بس رنديءَ جي راڳ تي ڳانا بہ افسانہ ٿيا

ويس واه واه جو ڏڪي، دل رکيئون دولت مٿي
سوز وارن جي تہ سامهون، جانہ بہ انجانہ ٿيا

جي ڦِري ويا ڦِيڻ تي، تن جو ڇُڪو ڇکيل نہ هو
ڇا لکي لکندين انهن، طعنا بہ شادانہ ٿيا

ماٺ ۾ ميٺاج هئي پر، ماٺ کان لالچ ۾ ميٺ
نيٺ پنهنجي نسل جا، هر ڪنهن نشانہ ٿيا

سچ چوڻ کان مُڙ نہ منشي، سچ رهي سچ تو سدا
هٺ مڙيئي هادي جي آ، آنا واري جانہ ٿيا

10.2.1962

Gul Hayat Institute

## مقدمو

ويو وچ راهہ ۾ لُٽجي، اميد ڪاروان منهنجو
نہ ڪئي ڪنهن ڪامراني ڪا، ٻُڌي بس داستان منهنجو

سُڪون خاطر ڪري ڪَک ڪَک، بنايم جُهوپري جيڪا
اُهو پيي تيز طوفان اڄ ، ڦٽايو آشيان منهنجو

ڪريان فرياد سر ٽڪرائيان، ڪنهن در وڃي دانهيان
ڏسي هن حال ۾ مونکي، ٿيو دشمن جهان منهنجو

تمنائن جي خوني ڪان، ٿئو بدلو وٺڻ چاهيان
جڏهن دشمن زمين آهي، ۽ دشمن آسمان منهنجو

مُقدَر کي چوان منشي، ڪريان ڪنهن جي شڪايت چو
ٻهانن جي بڻي بازي، تڏهن دشمن زمان منهنجو

6.3.1963
ڪراچي سنڌ

Gul Hayat Institute

# ڪاروان دشمن

قضا دشمن، فضا دشمن، زمين دشمن، زمان دشمن
عجيب حالات ڪي ڏسندي، ويو ٿي آسمان دشمن

ڪٿي قطب و قمر دشمن، دنيا جي هر نظر دشمن
زمين جو ذرو ذرو ۽ مٿي ٿي ڪهڪشان دشمن

مُقدَر تي روئان ٿو مان، ڪريان ڪنهن جي شڪايت چو
جتي مهمان ويس ٿي مان، اتي هو ميزبان دشمن

جتي آهيان اُتي دشمن، جتي منزل اُتي دشمن
سفر پورو ٿئي ڪنهن پر، سڄو جي ڪاروان دشمن

فراقِ يار جو منشي، بيان توکان عيان ٿي ويو
تڏهن ٿيا مهربان دشمن، مڪِي توڙي مَڪان دشمن

15.12.1964

Gul Hayat Institute

# منهنجي خلاف

بيڪسي منهنجي ڏسي ٿيو، هر بشر منهنجي خلاف
جنهن نظر ڏانهن ڪئي نظر مون، سا نظر منهنجي خلاف

چند دشمن هو سو هو پر، ٿيو ڪڪر منهنجي خلاف
بد نصيبي ڏس ته ٿي پيا، بحر و بر منهنجي خلاف

ٿي وطن کان بي وطن مون دُور جت ديرو اڏيو
اجنبي هوندي به ٿيا، شام و سحر منهنجي خلاف

ڪوچئه جانان ۾ پهچي، راز هي مون تي کُليو
ذري ذري تي نمايان، ٿيو اثر منهنجي خلاف

حسرت ديدار دل ۾، ۽ اميدون گڏ ڪٽي
مان ويس جنهن جنهن نگر، سو نگر منهنجي خلاف

نيث منشي بدنصيبي، اوج تي پهتي وڃي
اڄ ته پاڇو پڻ آ ٿيو، سَر بَسر منهنجي خلاف

7.1.1964 ڪراچي سنڌ

Gul Hayat Institute

# يادگار

دنيا ۾ يادگار رهندي، منهنجي جفا تنهنجي
متا مشهور ٿي ويندي، رضا منهنجي، سزا تنهنجي

صنم هي زندگي ساري، گذاري مون جَڏِي جنهن پر
تڏهن پي دل ۾ دائم، دعا منهنجي دغا تنهنجي

زماني رنگ بدلايو، نہ بدلي دل ڪڏهن توڪان
قبولي ڪين تو ڪنهن پر، صدا منهنجي ادا تنهنجي

لڪين لاهي لڏو لڏيا، هٿين خالي هتان هليا
هميشہ ڪين ڪي هوندي، نہ ڪا منهنجي بقا تنهنجي

مئو منشي محبت ۾، اڳي ڪان موت جي مارڻ
ڏسي ڏاتار پيو هر دل، صفا منهنجي خفا تنهنجي

12.11.1964ع

Gul Hayat Institute

## غمخوار ڪوئي ڪونهي

نہ ڪنهن جو رقيب آهيان، نہ ڪنهن جو حبيب آهيان
ڪنهن کي نہ جو وڻي ٿو، مان سو غريب آهيان

ڪنهن جي ڪريان چو شڪوہ، ڪنهن سان ڪريان تقاضا
تقدير تي روئان مان، جو بدنصيب آهيان

ڪنهن لاءِ عيد اضحيٰ، مون لاءِ برپاءِ ماتم
ڪنهن کي پڌايان روئي، ڪنهن جو قريب آهيان

ڪنهن پر ڪريان ڪوڪارون، قاتل هٿان پيو ڪُسجان
بازن جي گهيري ۾ آيل، مان عبدليب آهيان

منشي ڏيکاريان ڪنهن کي، زخمن سدا ذخيرا
غمخوار ڪوئي ڪونهي، نہ خود طبيب آهيان

4.3.1963

Gul Hayat Institute

# آرزو

تنهنجي بازر مان ڪفن جي آرزو
تنهنجي دامن ۾ دفن جي آرزو
تنهنجي محبت ۾ مٽا آرام ويو،
مونکان هر هڪ طعام ۽ قيام ويو
دل کي تنهنجو اهڙو آ دام پيو،
مونکان وسري پاڻ پنهنجو نام ويو
صرف مونکي تو صحن جي آرزو
تات تنهنجي وات ۾ ليل و نهار
هر گهڙي هي جان توتان جانثار
عشق تنهنجي ۾ اکيون ٿيون آبشار
ڪو سڪون دل کي ڪٿي ناهي قرار
ناهي ڪا سوسن سمن جي آرزو
تنهنجي سايہ ۾ سمايل آ سڪون،
هر اچايل هر بکايل کي سڪون
گهاءُ گهايل دل دکايل کي سڪون،
هر زماني جي ستايل کي سڪون
تو سواءِ ناهي چمن جي آرزو
خام تنهنجن جو ٿي خادم رهان،
در مٿي دربان تو دائم رهان
قول تنهنجي تي سدا قائم رهان،
آدميت ۾ ٿي مان آدم رهان
ناهي ڪا ڏِيمن جي آرزو

(22.12.1964)

Gul Hayat Institute

# ڏسڻ اچ

پري پير پيارا ڏکويل ڏسڻ اچ
ڇڏي مُحب ماڻا مُئل سان ملڻ اچ

جنازي کي پنهنجي هٿن سان سنواري
ڏِلايون ڏِکي ڏِوليا تون ڏَکڻ اچ

اُميدن تي تنهنجي پساهه پيو هٽي هي
ڪري ٻاجهه پنهنجي عجيبا اڳڻ اچ

ڪري وَڙ تون وريام اچ واڳ واري
قريبا ڪُلهي لاءِ ڪانڌي ٿيڻ اچ

ڪري مهر منشي تي محبوب پنهنجي
شهادت جون ڪلمون لحد تي لکڻ اچ

(20.12.1964)

Gul Hayat Institute

## زمانو

جن زماني کي سنواريو آهي
تن کان بيزار زمانو آهي

آسرو آهي، دلاسو آهي
زندگي ناهي، تماشو آهي

آءٌ تنهائي ۾ تنها ناهيان
مون سان گڏ سُور سوايو آهي

تنهنجي ياد آئي جڏهن اي دلبر
مون سِرشوق جهڪايو آهي

کهڙا آڌار، اميدون کهڙيون
منهنجو ڪوئي نہ سهارو آهي

ڪو ڪِليو، خوب ڪِليو، ٽهڪ ڏيئي
مون سدا نير وهايو آهي

ڪِن کي ڪَڻ ڪِن کي مَڻ مليو منشي
هن جو انداز نرالو آهي

1964ع (جديد الشعراء) تان کنيل

# نرالا نظارا

خدايا تنهنجي قدرت جا، نرالا ٿيا نظارا سڀ
ڪٿي ماتم، ڪٿي محفل، اهي آهن اشارا سڀ

فنا کي تو پناه ڏيئي، رکيو آ رنگ اهڙي ۾
مُنجهي پيا موهجي مانجهي، اڃا البت ۾ ڪارا سڀ

ڪنهين کي باغ ۽ بنگلا، عجب پيا عيش دنيا جا
گنديءَ ۾ ڪي گذارين ٿا، سدا سانوڻ سيارا سڀ

سڏائي ڪو پيو صوفي، سڏائي ڪو پيو صاحب
وڃون ڪيڏانهن اسين هاڻي، چُڪي ويا چلڻ چارا سڀ

پنڻ لئہ پير پيا ڪاهي، مُريدن کان گهڻا مُرشد
چَرس آ چالو آ چارئي پهر، پر آهيون پاڳارا سڀ

ڏسي هي رنگ دنيا جا، نہ دل کي وجهہ دليلن ۾
خدا کي ياد ڪر "منشي" ڇڏي ڏي پيا خسارا سڀ

2.6.1962

Gul Hayat Institute

# ڇا ڪجي

زندگي آزاد ناهي ڇا ڪجي
وقت ڪنهن کي ياد ناهي ڇا ڪجي

درد دل ڇو ٿي ڪرين آه و فغان
هت ڪو ٿيئڻو داد ناهي ڇا ڪجي

ڇا ڪندي شيرين زبان شيرين سندي
جي رهيو فرهاد ناهي ڇا ڪجي

ڇا شفا بيمار ڏي بيمار کي
خود جڏهن هو شاد ناهي ڇا ڪجي

اهل دل دنيا منجهان منشي ويا
جي عدل آباد ناهي ڇا ڪجي

1964ع ڪراچي

Gul Hayat Institute

## رهزن رهنما

راهزن، سو رهنما آهي
راهه ويندن جو اڄ خدا آهي
هر نظر ۾ پيام الفت جو
هر ادا جان فضا آهي
منهنجون آهون پڏي توکي
تي مسرت وري عطا آهي
حال دل مان کوليان ڪنهن سان، يار
يارن کان ڇو جدا آهي
سور صدمان ۽ بي رخي تنهنجي
دل کي ڇا ڇا نہ ڏيو عطا آهي
رات ڪاري ۽ پنڌ اڙانگو
ڪوئي ساٿي نہ رهنما آهي
درد جو ڪر نہ جان من درمان
درد منشي جو لادوا آهي

9.11.1963
ڪراچي سنڌ
طرح شاعر بزم سرشار ڪراچي
(يار يارن کان ڇو جدا آهي)

Gul Hayat Institute

# آقا غلام

كبوتر گذر گڏ ڪري ڪانگ سان
ڏٺم دوستي نور جي نانگ سان
ڪجهون مور گڏجي گذر ڪن هتي
بنيو باز ڳيرو قفس هڪ هتي
جنهن سيج آقا، انهيءَ تي غلام
عجب رنگ قدرت ڏٺم انتظام
گذاري پئي حور لنگور سان
پري ڪانگ پيو پيٽ انگور سان
پتل سون ساڳيو هتي اگهه ملن
جيڪو ملهه ماڻڪ سو ڪائو چون
ڪري سگ سهي جي هتي ٿو سنڀال
رهي دوست دفتر ڪوئو ڪوتوال
بيدا مرغ هڪڙي هتي اگهه ملن
ڪجهي ڳالهه هن ڪي ڪي سمجهو سلين
محبت جو منشي نه آ دؤر اڄ
فقط آهي لالچ جو ٿيو زور اڄ

7.5.1965

Gul Hayat Institute

## اي يٽ ڏٽي

حال دل جو ڇا چئي مان ڇا چوان، اي يٽ ڏٽي
ڪارگر اڄ ناهي ڪا، آه و فغان اي يٽ ڏٽي

هر ڪنهن کي سور پنهنجا، پور پنهنجا الا مان
ناهي ڪنهن همنوا ڪو ، مهربان اي يٽ ڏٽي

اڄ نہ شادابي گلن ۾ ۽ نہ ڪو رنگ چمن ۾
ٿي ويو ويران آهي گلستان اي يٽ ڏٽي

نياز، نوڙت، خَلق، نيڪي، دوستي، شرم وحيا
ملڪ وارن لئہ سدائين، تو گهران، اي يٽ ڏٽي

غيرفاني فلسفو ۽ فڪر تنهنجو دائمي
هر اکر هر لفظ تنهنجو، جاودان، اي يٽ ڏٽي

بيت تنهنجا دل کي آٿت ڏين صبح مَسا
نام تنهنجو تو رهي، ورد زبان، اي يٽ ڏٽي

بس اها التجا منشي جي آهي آخري
تنهنجي روضي تي اچي، جلوا ڏسان، اي يٽ ڏٽي

1964ع
ڪتاب تان ڪنيل

Gul Hayat Institute

# وطن تان قربان

ڪندس جان قربان وطن تان زبان تان
ويو سر تہ ڇا ٿيو انهيءَ بس بيان تان

ڏيئي جنم جنهن آ اسانکي جياريو
سدا جنهن ۾ ساوڪ سيارو اونهارو
جنهن پرت مان پاڪ پاڻي آ پياريو
رڳن جون ڏيان رت تنهن آب روان کي

هنجن جي هنڌن تي ڪِريا ڪانگ ڪارا
لويلو ڪسين لولا ڏيو سي لامارا
ڪري چون ڪان ڪان ملڪ هي همارا
اڏاري ڪديو تن انهيءَ آشيان تان

سنڌين جو سهارو سنڌو آ ويچاري
جنهن جي ٻاجهہ واري آ ٻولي ٻاجهاري
ڏيان ڇو نہ ان تان پنهنجي جان پياري
اصل ڪونہ هٽندس انهي امتحان تان

مرڻ کان تہ منشي مڙيو آ نہ مڙندو
سدا سنڌ لاءِ ڏيئي ور سو وڙهندو
ڪٽي شير شمشير شيرن جيئن لڙندو
نہ آزار ويندو هي جيسين اسان تان

28.12.1962
بزم يوسف دڙو
طرح – ڪندس جان قربان وطن تان زبان تان

Gul Hayat Institute

# دشمني

دشمني انسان جي انسان سان
چند ڪي انسان هت ايمان سان

لٽ ڪٽي، ڏاڙهي رکي، مُلان ٿيو
دوستي دل ۾ مگر شيطان سان

جنهن جي نيت جون نگاهون نانگ خود
قلب تنهن جو آ پريل ڪفران سان

خود، خودي جي خم ۾ جيڪو مبتلا
چا ڪندي تقرير تنهن جي تان سان

موڪلائي ويا مجاهد هاءِ هاءِ
دين جي خدمت ڪي جن جان سان

مرغ ڪائڻ جا مجاهد اڄ گهڻا
پر جهادي دل نہ آ ڪنهن جوان سان

رهنما جي ويس ۾ هي راهزن
ڪاروان هن ڪئين لٽيا ڪمان سان

پيٽ خاطر فوج ۾ ڀرتي ٿيو
سو لڙي چا پرت جنهن جي پان سان

غم نہ ڪر منشي هو غازي آئيا
قرب جنهن جو آهي سچ قرآن سان

23.6.1965ع

Gul Hayat Institute

## سچ

چوڻ سچ تي وئي آ عادت اسانجي
ڪري پل پيو ڪو شڪايت اسانجي

زخيرا جي زخمن جا آهن هزارين
پڌائڻ نہ آهي جهالت اسانجي

ٿيا راهزن رهنما جيڪي تن کي
گوارا ڪندي ڪين غيرت اسانجي

جيڪو رت اسانجي کي پاڻي ٿو سمجهي
ڪري سو نہ سگهندو امامت اسان جي

عدو جو تہ اڄ ٿي ويو خاتمو پر
جلي پل ڏسي سو قرابت اسانجي

مدامي نہ منشي مڙيو سچ چوڻ کان
اها آهي افضل عبادت اسانجي

1964ع

Gul Hayat Institute

## نہ هلندو بهانو

خاڪي خاڪ ٿيندين ڇڏي هي خزانو
اجل جي اڳيان ڪونہ هلندو بهانو

بدن تي بندا بوسڪي هٿ تو پائين
پيا تہ تبت سرها سينٽ لائين
هُتي پٽ ۾ هوندو، پيو بت بيگانو!!

نيت ۾ نيون نت نڳيون روز ٺاهين،
سفارش ڪريو حق هزارن پوڙائين
آهين اڄ صباح تي، نہ رهندو نشانو ..!!

هتي باغ بنگلا تو بهتر بنائين
طرح طعام تازا ۽ ڪيما ڪُٽائين
مدامي نہ رهندو، ميان ميخانو ..!!

منافق رهين ۽ سياسي سڏائين
رکين دل ۾ هڪڙيون پيون تو پڌائين
رٿين روز تازو، طمع جو ترانو . .!!

جتي پاڻ پرور ويهي ترِ توريندو،
اتي ياءُ برادر نہ ڪو ڏک ڏوريندو
جتي منشي مولا، منديندو ميزانو ..!!

12.9.1962

Gul Hayat Institute

# ڪمال

هڪ ڏينهن حرام سوئر ٻئي ڏينهن حلال آهي
کهڙو نہ ڪوڙ جو هي ڪيڏو ڪمال آهي

روزا، نمازون، اضحيٰ خيرات، حج ۽ زڪواتون
هاٿي جي ڏندو وارو ساڳيو مثال آهي

من ۾ منافقي ۽ سڏجي پيو سياسي
انهيءَ ڪمال جو پيو هڪ ڏينهن زوال آهي

دستور هن دنيا جو ڏاڍو ڏنم نرالو
جيري جي ڪاڻ پڪرو هٿ ٿيو حلال آهي

ڪنهن ساڻ وره وندجي ڪنهن سان ڪجي حقيقت
جنهن کي ٿا جوان سمجهون سوئي دلال آهي

موسيٰ جي ديس ۾ جو ابليس کي سجاڻي
اهڙو ملڻ مجاهد، اڄڪلهہ محال آهي

ظاهر زبان ۾ شيرين باطن ۾ بد ديانت
دل ۾ دغا ۽ دوکو هٿ ۾ حمال آهي

ڪونجون ڪڪڙ هنديءَ ۾ خالي ڏسڻ جا آهن
ڪائڻ جي وقت ساڳي بي داغ دال آهي

منشي متان ڪو پلجي اڄڪلهہ جي سياستدان تي
اپريل فول وارو هي ڪوڙو قوال آهي

7.7.1969ع

Gul Hayat Institute

# <u>ڪڏهن ايندا</u>

خدا لڳ خلق جي خدمت، ڪرڻ وارا ڪڏهن ايندا
دکايل دل سنديون دانهون ، ٻڌڻ وارا ڪڏهن ايندا

چڱي سچ پيا سياست ۾، اسانجا رهنما رهبر
رياخوري ۽ رشوت تي، رهيو هر هڪ ته آفيسر
نه ڪو جج ۽ نه ڪو جوري، وڪيلن ۾ وڏا اڄ ور
سچا حاڪم صفا سچ جي، چوڻ وارا ڪڏهن ايندا

نه ڪو عالم عمل وارو، ڏسون بيٺل هتي بهتر
پوڄاري پيٽ پنهنجي جا، ڏسڻ ۾ ٿا اچن اڪثر
ابوبڪر رضہ عمر رضہ عثمان رضہ هادي آڻ ڪو حيدر
غريبن جي سدا غم کي، ڪٽڻ وارا ڪڏهن ايندا

نبي صہ جي دين جا وارث، پٿر کي جن ڪيو پارس
خدايا آڻ ڪو خالد، يا حمزو ڪو هتي حارث
بنارس، روم، بمبئيءِ هئا فاتح مٿي فارس
انهن جي انتظاري آ، اچڻ وارا ڪڏهن ايندا

سٺو آهي تدارڪ هت، ڪُوئا بنيا ڪلارڪ هت
ملي سِڪ کي صدارت هت، مڙيئي ميمبر منافق هت
تون سائين آڻ سالڪ هت، ڪو مانجهي مرد مالڪ هت
پليتن جون هتان پاڙون، پٽڻ وارا ڪڏهن ايندا

وڏيرا ور چنڊي اٿيا، اچي ويو وقت ووٽن جو
مڙيئي ميمبر ٿيا ميڙو، غونو ٿي ويو نوٽن جو
شرابن ۽ ڪبابن لئه، ٿا چوسين رت غريبن جو
بري ان ريت باطن کي، پٽڻ وارا ڪڏهن ايندا

Gul Hayat Institute

سنڀالي ڪڻ قدم منشي، ڪليل آهي قلم سؤ ڏھ
لڪين ٿو شعر جي سچ جا، هليو ويندين سڌو ٿھ پھ
چون جيئن چيئرمين، ميمبر، سدائين سو پيو تون سَھ
ملاقاتي پيو جاچيندين، ڏسڻ وارا ڪڏهن ايندا

30.8.1963
جنهاڻ سومرو
بزم مشاعره علي محمد سپاهي

Gul Hayat Institute